جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 16 | خميس 08 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 25 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 357

سنڌ حڪومت پاران صوبي ۾ تعليمي پهچ کي وڌائڻ لاءِ مالي ۽ انتظامي قدمن جي هڪ جامع پيڪيج جي منظوري

ايس اي ايف (SEF) هن وقت صوبي جي تعليمي حڪمت عملي جي بنيادي پٿر طور ڪم ڪري رهي آهي جيڪا 3,230 ادارن جي ذريعي 1,078,252 شاگردن تائين پهچي رهي آهي: بورڊ

هن واڌاري کي برقرار رکڻ ۽ وڌندڙ مهانگائي کي منهن ڏيڻ لاءِ بورڊ پارٽنر اسڪولن، جن ۾ دي سٽيزنز فائونڊيشن (TCF) پاران هلايل اسڪول به شامل آهن

وڏي وزير سبسڊي جي شرحن تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ 7.9 ارب رپين جي اضافي ساليانِي فنڊن جي منظوري ڏني. سخت نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڏي وزير هڪ خصوصي ڪميٽي جوڙي

جنهن ۾ تعليم وارو وزير، پي اينڊ ڊي چيئرمين ۽ ناڻي وارو سيڪريٽري شامل آهن جيڪا سبسڊي جي آخري ڦيرڦار جو جائزو وٺندي ۽ ان بابت سفارشون پيش

ان کان علاوه بورڊ مشڪل ۽ پهچ کان پري وارن علائقن ۾ خدمتن جي توسيع لاءِ هڪ اسٽريٽجڪ گرانٽ جي منظوري ڏني

ان ۾ بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولڻ، گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ نيون سهولتون قائم ڪرڻ ۽ مرحليوار طريقي سان 500 سرڪاري ڪميونٽي اسڪولن کي چالو ڪرڻ شامل آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) جي بورڊ آف گورنرز جي 14 هين اجلاس جي صدارت ڪندي، صوبي ۾ تعليمي پهچ کي وڌائڻ لاءِ مالي ۽ انتظامي قدمن جي هڪ جامع پيڪيج جي منظوري ڏني جڏهن آهي. هن اعليٰ سطحي اجلاس ۾ تعليم واري وزير سيد سردار شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

ملڪ ۾ پائيدار امن کي قائم ڪرڻ تائين فتنته الخوارج جي خلاف ڪارروايون جاري رهنديون: وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف خيبرپختونخواهه ۾ فتنته الخوارج جي خلاف ڪامياب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

”عمران خان جي علاج ۽ آزادي سميت مطالبا مڃو، پي ٽي آءِ ڳالهين لاءِ تيار آهي“ شيخ وقاص جو راڻا ثناءالله کي جواب

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي سڌ سماءَ واري مرڪزي سيڪريٽري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

خيبرپختونخواهه ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي هر قيمت تي روڪڻو پوندو: وزيراعظم

جي خواهش آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ به ملڪ جي ٻين حصن جيان ترقي ٿئي. وفاقي وزير امير مقام وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات، آزاد جمون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان، خيبرپختونخواهه بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

خيبرپختونخواهه جي عوام جون دهشتگردي جي خلاف قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. وفاقي وزير وزيراعظم کي آزاد جمون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ جاري معاملن ۽ اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ ڏني

وزيراعظم آزاد جمون ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي عوام جي فلاح، بهبود، ترقي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ موثر قدم جاري رکڻ جي هدايت

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي هر قيمت تي روڪڻو پوندو، اسان جي خواهش آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ به ملڪ جي ٻين حصن جيان ترقي ٿئي. وفاقي وزير امير مقام وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ آزاد جمون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان، خيبرپختونخواهه بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

آزاد جمون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي ترقي ۽ اتان جي عوام جي خوشحالي حڪومت جي اوليت ۾ شامل آهي گڏريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي مشروط دعوت

احتجاج ۽ ڌرڻا ختم ڪريو، اسان جا دروازا کليل آهن، مارچ ۽ ڌرڻن جي خاتمي کان پوءِ ئي ڳالهين جو عمل ممڪن ٿي سگهندو. وزيراعظم افسوس جو اظهار

احتجاج سبب برآمدات، درآمدات ۽ مينو فيڪچرنگ سيڪٽر شديد متاثر ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿي چڪو آهي. ڌرڻن ۽ احتجاج جي سياست جو سڌو سنئون نشانو معيشت بڻجندي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

وزيراعظم پاران ٻين صوبن کي پنجاب جي طرز تي زمين رڪارڊ جي ڊيجيٽلائيزيشن تيز ڪرڻ جي هدايت

زمين رڪارڊ جي ڊيجيٽلائيزيشن سان بئنڪن جي لاءِ هائوسنگ قرضن جي فراهمي ۾ آساني ۽ شفافيت ايندي

ايس ايم ايز جي صلاحيت وڌائڻ، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ، پيداواري صلاحيت ۾ اضافي ۽ عالمي ويليو چين سان ڳنڍڻ جي لاءِ سميدا موثر قدم کڻي

هائوسنگ، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي کي قرضن جي فراهمي جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف بئنڪن جي لاءِ هائوسنگ فنانس جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

سنڌ طاس معاهدو هڪطرفي طور معطل نٿو ڪري سگهجي، پائيدار امن لاءِ ڪشمير مسئلي جو حل ضروري آهي: صدر

جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس کي ”نشانِ امتياز“ سان نوازيو

تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر به شرڪت ڪئي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور معطل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

Livity
EBM
FOR MORE DETAILS: WWW.ACPKHI.C
ARTS COUNCIL OF PAKISTAN KARACHI
ڪراچي: آرٽس ڪائونسل ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه خطاب ڪندي

يمن ۾ جنگ تيز، سعودي ۽ ڏکڻ يمن تي حوثين پاران ميزائيل فائر

انصارالله (حوثي) گروپ سعودي عرب ۽ ڏکڻ يمن ۾ ڪيترائي ميزائل حملا ڪيا آهن

رياض جي اتر ۾ حوثين طرفان فائر ڪيل هڪ بيلسٽڪ ميزائل کي فضائي دفاعي نظام رستي ۾ ئي تباهه ڪري ڇڏيو

يمن (م ڊ) يمن ۾ جاري جنگ هڪ ڀيرو ٻيهر شدت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

اسحاق ڊار سان سيد عامر رضا نشان امتياز (ملٽري) جي ملاقات

عامر رضا کي ترقي ۽ ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جون ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني

سندس نئين ذميوارين ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد عامر رضا نشان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

مارچ ختم ڪرڻ جي چاٻي عمران خان وٽ آهي :شوڪت يوسفزئي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ شوڪت يوسفزئي چيو آهي ته لانگ مارچ جاري آهي ڪنهن جي به دٻاءَ ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

مارچ جاري، پ پ پيو بنگلاديش ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري پئي: وزيراعلي ڪي پي ڪي

گورنر طرفان گڏريل ڏينهن ڪيل ڊرامو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي

خيبرپختونخوا ۾ عوام جي به ڀاڱي ٽي اڪثريت سان چونڊيل حڪومت موجود آهي

پشاور (م ڊ) وڏي وزير خيبرپختونخوا سهيل آفريدي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

پشاور: وڏو وزير خيبرپختونخوا سهيل آفريدي جلسي کي خطاب ڪندي

باني پي ٽي آءِ سان ملاقات ڪانسواءِ ڳالهيون نتيون ٿي سگهن: محمود خان اڇڪزئي

جيڪڏهن مسئلي جو حل چاهيو ٿا ته حڪومت کي باني پي ٽي آءِ سان اسان جي ملاقات ڪرائڻي پوندي

لاهور (م ڊ) اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي چيو آهي ته باني پي ٽي آءِ سان ملاقات ڪانسواءِ حڪومت سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن. زوب ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

شرجيل انعام ميمڻ يلو لائين تي ڏينهن رات ڪم جاري رکڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

يلو لائين بي آر ٽي ڪراچي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام جو اهم منصوبو آهي، سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ يلو لائين بي آر ٽي منصوبي بابت اهم اجلاس ٿيو

جنهن ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي سيڪريٽري اسد ضامن، يلو لائين جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪمال دائود، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي بهزاد ميمڻ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت

لاڳاپيل عملدارن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي منصوبي تي جاري ڪم ۽ مختلف تعميراتي پيڪيجز بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ يلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي ڏينهن رات ڪم جاري رکڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته يلو لائين بي آر ٽي ڪراچي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام جو اهم منصوبو آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ يلو لائين بي آر ٽي منصوبي بابت اهم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ايران سان معاهدي لاءِ تيار آهيون پر ايٽمي معاملي تي ڪين لچڪ ڏيکارڻي پوندي: وينس

آمريڪا ايران سان معاهدي لاءِ تيار آهي، پر ايران کي پنهنجي ايٽمي پروگرام بابت لچڪ ڏيکارڻي پوندي ۽ پنهنجي ايٽمي افزودگيءَ جي صلاحيت گهٽائڻي پوندي

جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ايران کي پنهنجي ايٽمي افزودگيءَ جي صلاحيت گهٽائڻي پوندي اهو واضح ناهي ته ايران ۾ فيصلا آخر ڪهڙي طريقي سان ڪيا وڃن ٿا

جيڪڏهن ايران ايٽمي هٿيار نٿو چاهي ته پوءِ کيس 60 سيڪڙو تائين افزود ٿيل ٻارڻ جي ضرورت ڇو آهي؟: جي ڊي وينس

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي ته آمريڪا ايران سان معاهدي لاءِ تيار آهي، پر ايران کي پنهنجي ايٽمي پروگرام بابت لچڪ ڏيکارڻي پوندي ۽ پنهنجي ايٽمي افزودگيءَ جي صلاحيت گهٽائڻي پوندي. آمري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو اجلاس جي صدارت ڪندي

ڳالهين جا دروازا کليل آهن، رياست کي يرغمال بنائي ڪنهن به مطالبي کي نٿو مڃرائي سگهجي: راڻا ثناءالله

2014 ۾ اسلام آباد تي چڙهائي کان پوءِ اسلام آباد جو گهيراءُ پي ٽي آءِ جو بنيادي نڪتو رهيو

پي ٽي آءِ اسلام آباد تي ٻيهر چڙهائي جي ڪوشش ۾ آهي، انهي جو واحد ايجنڊا ملڪ ۾ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ آهي

سياسي اختلافن جو حل ڳالهيون آهن، پي ٽي آءِ ذاتي مفادن کي پاسي تي رکي مسئلن جي حل طرف اچي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله چيو آهي ته حڪومت طرفان ڳالهين جا دروازا کليل آهن، پي ٽي آءِ ذاتي مفادن کي پاسي تي رکي مسئلن جي حل طرف اچي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

بيرسٽر گوهر حڪومت کان غير مشروط ڳالهين جو مطالبو ڪري ڇڏيو

اسان ڳالهين کان انڪار نه ڪري رهيا آهيون پر غير مشروط ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. صحافين سان ڳالهيون

ملڪ، قوم ۽ جمهوريت جي لاءِ ڳالهين جو ڪامياب ٿيڻ تمام گهڻو ضروري آهي، گورنر راج يا ايمرجنسي نه لڳڻ گهرجي

صوبو دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي، پي ٽي آءِ باني سان ملاقاتن سميت گرفتار اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته اسان ڳالهين کان انڪار نه ڪري رهيا آهيون پر غير مشروط ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر جو چوڻ هو ته ملڪ، قوم ۽ جمهوريت جي لاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي ۾ ڌاڙيلن جي فائرنگ، هڪ ڀاءُ قتل، ٻيو زخمي

چاند بنگلي پرسان 4 هٿياربند ڦورجي ارادي سان گهر ۾ داخل ٿيا ته گهرڀاتين جي شور تي فائرنگ ڪري فرار

فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو موقعي تي مارجي ويو، جڏهن ته سندس ڀاءُ زخمي ٿي پيو

ڪراچي (رپورٽر) سائيٽ سپر هاءِ وي فقيرا ڳوٺ ۾ گهر اندر ڦرجي ڪوشش دوران مزاحمت تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڊيڊ ڪلاڪ بجلي بند

لائنز ايريا، لياري، قائد آباد ۽ گلشن حديد سميت شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي بند ٿي وئي هئي

ڪي اليڪٽرڪ جي ترجمان موجب اي ايڇ ٽي نيٽ ورڪ ۾ ٿوري وقت لاءِ فني خرابي پيدا ٿي

ڪراچي (رپورٽر) شهر جي مختلف علائقن ۾ رات دير سان بجلي جي فراهمي اوچتو معطل ٿي وئي، جيڪا ڏيڊ ڪلاڪ ڪانپوءِ بحال ڪئي وئي. منگهوپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ايران جا اڳواڻ مارجي چڪا آهن، ڪنهن کي به خبر ناهي ته ملڪ ڪير هلائي رهيو آهي: ڊونلڊ ٽرمپ

جنگ کي هاڻ اٺ مهينا گذري چڪا آهن، ايران جا اڳواڻ مارجي چڪا آهن، انهن جي اڳواڻن جو ٻيون گروپ به وڃي چڪو آهي

منهنجي لاءِ سڀني کان وڏو مسئلو اهو آهي ته ڪنهن کي به خبر ناهي ته آخر ملڪ کي ڪير هلائي رهيو آهي

ايران جو سپريم ليڊر آيت الله علي خامنائي کي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملي جي پهرين ئي ڏينهن 28 فيبروري تي ختم ڪيو ويو هو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته منهنجي لاءِ سڀني کان وڏو مسئلو اهو آهي ته ڪنهن کي به خبر نه آهي ته ايران کي ڪير هلائي رهيو آهي؟ خبرون ڏيندڙ اداري رائٽرز موجب صحافين سان ڳالهيون ڪندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته جنگ کي هاڻ اٺ مهينا گذري چڪا آهن. ايران جا اڳواڻ مارجي چڪا آهن. انهن جي اڳواڻن جو ٻيون گروپ به وڃي چڪو آهي. منهنج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

گوتريس جي آرمي چيف عاصم منير سان ملاقات، ڪشمير مسئلي تي خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات دوران گڏيل دلچسپي وارن معاملن، خطي جي موجودا سيڪيورٽي صورتحال ۽ عالمي امن ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ ۾ گڏيل قومن جي ڪردار تي خيالن جي ڏي وٺ

انتونيو گوتريس علائقائي تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي ڪوششن کي خاص طور ساراهيو

پارٽ طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل رکڻ ۽ افغانستان مان جنم وٺندڙ انتهاپسندي سميت مختلف معاملن تي خيالن جو اظهار ڪيو

فيلڊ مارشل عاصم منير عالمي امن لاءِ پاڪستان جو عزم ورجائيندي گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ ملڪ جي خدمتن کي اجاگر ڪيو

راولپنڊي (م ڊ) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) ۾ پاڪستان جي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات ڪئي./ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

قورن جي فائرنگ، شهري زخمي، 1 ڪروڙ 30 لک رپيا ڦر

زخمي شهري اسپتال پهچي واقعي جي اطلاع ڏني

متاثر شهري موٽرسائيڪل تي هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا کڻي وڃي رهيو هو ته ڌاڙيلن کيس نشانو بڻايو

ڪراچي (رپورٽر) گلشن اقبال نيپا پل پرسان مسلح ڌاڙيل شهري کي فائرنگ ڪري زخمي ڪرڻ بعد مبينا طور هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا ڦر ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

گورنر راج آخري آپشن آهي، ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته انهي طرف نه وڃون: خواجه آصف

راڄڌاني کي پي ٽي آءِ جي رحم ڪرم تي نٿا ڇڏي سگهون، طالبان سان گڏجي پي ٽي آءِ کي اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ نه ڏينداسين

گورنر راج لڳڻ سان پي ٽي آءِ سياسي شهيد چورائيندي يا نه، اهو ته وقت ٻڌائيندو

جيڪڏهن ڪنهن هڪ شخص جي خوشي لاءِ ملڪ کي ٽڪرا ڪرڻ چاهين ٿا ته اهو قبول نه ڪيو ويندو

پي ٽي آءِ جا اندروني اختلاف شدت اختيار ڪري ويا آهن ۽ پارٽي جا پنهنجا ميمبر به چاهين ٿا ته هن مسئلي جو ڪو حل ڳوليو وڃي

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته گورنر راج لاڳو ڪرڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه آهي پر اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته انهي آخري آپشن تي نه وڃون. نجي چينل سان خصوصي ڳالهيون ڪندي خواجه آصف چ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

لاهور: صوبائي وزير اطلاعات عظميٰ بخاري پريس ڪانفرنس ڪندي

آفتاب شيخ، فاروق نائڪ جو جي سي پي ميمبر طور استعيفيٰ

اسلام آباد (بيورو) مسلم ليگ ن جي ميمبر آفتاب شيخ به جوڊيشل ڪميشن آف پاڪستان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ڪوهاٽ: پوليس چيڪ پوسٽ تي حملو، 7 اهلڪار زخمي

ڪوهاٽ (م ڊ) شادي پور ۾ پوليس چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي دوران فائرنگ ۾ 7 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا، جڏهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي ۾ مڙس جي مبينا قتل ۾ زال گرفتار

مقتول تاجدار الله جي زال مبينا طور يونس ۽ عديل سان گڏجي پنهنجي مڙس کي قتل ڪيو

واقعي بابت مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي مقتول جي زال، يونس ۽ عديل خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) گلستان جوهر ۾ گڏريل ڏينهن گهر اندر فائرنگ جي واقعي ۾ فوت ٿيل شخص جي قتل ڪيس ۾ سندس زال کي گرفتار ڪيو ويو آه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سکر پوليس ڪريڪ ڊائون، 6 جوابدار گرفتار

سکر (رپورٽر) سکر پوليس سماجي برائين ۾ ملوث منشيات، گٽڪا ۽ جوا وڪرو ڪندڙن خلاف ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي ۾ ٽڪرن ۾ مليل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سرجاني ٽائون جي گهرام ڳوٺ پرسان ٽڪرن ۾ مليل لاش جي سڃاڻپ ٿي و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: ناظم آباد چانڊني چوڪ تي حدخليون هٽايون پيون وڃن

ڊسپلن جي ڀڃڪڙي، عورت سول جج برطرف

سپريم ڪورٽ مان ڊيپوٽيشن ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سول جج مسلسل غير حاضر رهي

سول جج کي وضاحت جو موقعو ڏنو ويو، پر هن شوڪاز نوٽيس جو جواب پڻ نه ڏنو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مس ڪنڊڪٽ ۽ ڊسپلين جي ڀڃڪڙي تي عورت سول جج ظلِ هما کي برطرف ڪري ڇڏيو. نوٽيف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

وفاقي وزير راڻا تنوير حسين سان روس جي زرعي ڪمپني شيلڪوو ايگرو ڪِم جي وفد جي ملاقات

اسلام آباد (بيورو) قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين سان روس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

گتي جي ڪارخاني کي باهه، سامان سڙي رک

واقعي واري هنڌ تي ڪولنگ جو عمل جاري رهيو، فائر بريگيڊ جي 4 گاڏين باهه وسائڻ واري آپريشن ۾ حصو ورتو

باهه سبب ڪو به جاني نقصان نه ٿيو، تنهن هوندي به ڪارخاني ۾ پيل لکين رپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) عزيز آباد جي پنگوريا ڳوٺ پرسان گتي ۽ پلاسٽڪ جي ڪارخاني ۾ لڳل باهه تي فائر بريگيڊ جي عملي ضابطو آڻي ورتو. جڏهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي ۾ گهر ۾ ڦرجي ڪوشش، مزاحمت تي فائرنگ سبب هڪ ڀاءُ مارجي ويو، ٻيو زخمي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ سائيٽ سپر هاءِ وي فقيرا ڳوٺ ۾ هڪ گهر تي 4 هٿياربندن چوري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

مير رضا قتل ڪيس، ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل

جوڊيشل ڪميشن ڪارروائي بابت رپورٽ سنڌ جي وڏي وزير کي پيش ڪندو

جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ ڪميشن ڪارروائي مڪمل ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) مير رضا قتل ڪيس جي جاچ ڪندڙ جوڊيشل ڪميشن پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪري ورتي. جوڊيشل ڪميشن ڪار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪي پي ۽ بلوچستان ۾ ڪارروايون، 18 دهشتگرد مارجي ويا

خيبرپختونخوا ۾ عزمِ استحڪام تحت دهشتگردن خلاف ڪارروايون جاري آهن

اتر وزيرستان ۽ پرپاسي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران 13 دهشتگرد مارجي ويا

فورسز دهشتگردن جي چرپر تي مسلسل نظر رکڻ بعد فيصلاتي ڪارروائي ڪئي

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪارروايون ڪندي 18 دهشتگردن کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب خيبرپختونخوا ۾ عزمِ استحڪام تحت دهشتگرد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪراچي: مقامي آرٽ گيلري ۾ عورتون نمائش ڏسي رهيون آهن

انساني وسيلن ۽ مهارتن ۾ سيڙپڪاري پاڪستان جي مستقبل جي ترقي جو بنياد آهي: وفاقي وزير

پاڪستان کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ لاءِ پاليسين جو تسلسل ۽ سياسي استحڪام ضروري آهي

انساني وسيلن ۽ مهارتن ۾ سيڙپڪاري پاڪستان جي مستقبل جي ترقي جو بنياد آهي

تعليم، صحت، غذائيت، صاف پاڻي ۽ آبادي جي توازن کي قومي هنگامي ترجيحون قرار ڏيڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ لاءِ پاليسين جو تسلسل ۽ سياسي استحڪام ضروري آهي. انساني وسيلن ۽ مهارت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 08 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 25 ربيع الثاني 1448ھ

ايندهن جي رليف ۽ معاشي خودمختياري

پاڪستان جي موجوده معاشي صورتحال ۾ وزيراعظم جي ايندهن سبسڊي بابت آءِ ايم ايف جي مشروط رضامندي بظاهر عام ماڻهو لاءِ رليف جي خبر آهي، پر ان خبرجي اندر ملڪ جي معاشي پاليسي، عوامي رليف، صوبائي خودمختياري ۽ آءِ ايم ايف سان ٿيندڙ ڳالهين جا ڪيترائي اهم پاسا لڪل آهن. موجوده ڳالهين ۾ آءِ ايم ايف پاران ايندهن سبسڊي جاري رکڻ تي اصولي طور رضامندي ظاهر ڪئي وئي آهي، پر ساڳئي وقت ان جو دائرو موجوده مستحق صارفين تائين محدود رکڻ ۽ وڌيڪ ماڻهن کي شامل نه ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. ننڍين گاڏين، موٽرسائيڪلن ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين تائين رليف محدود رکڻ بابت به ڳالهيون ٿي رهيون آهن.

هي صورتحال ان حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي ته پاڪستان ۾ معاشي پاليسي ناهڻ وقت هڪ طرف عام ماڻهوجي وڌندڙ معاشي تڪليف کي نظر ۾ رکڻو پوي ٿو ته ٻئي طرف عالمي مالياتي ادارن سان ڪيل واعدن، بجيٽ جي هدفن ۽ سرڪاري آمدني کي به برقرار رکڻو پوي ٿو. ايندهن جون قيمتون رڳو گاڏي هلائيندڙن جو مسئلو ناهن؛ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن جو سڌو اثر ٽرانسپورٽ، زراعت، صنعت، مارڪيٽ، ڪاڌي پيتي جي شين ۽ روزمره جي زندگي تي پوي ٿو. ان ڪري محدود طبقي کي ڏنل ايندهن رليف به جيڪڏهن صحيح ماڻهن تائين پهچي ته ان جا اثر وسيع ٿي سگهن ٿا.

پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا سبسڊي مستقل معاشي حل آهي؟ ظاهر آهي ته سبسڊي ڪنهن به بحران ۾ عارضي سهارو ڏئي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن ملڪ جي معيشت کي ڊگهي عرصي لاءِ مضبوط ڪرڻو آهي ته توانائي جي قيمتن، ٽيڪس نظام، پيداوار، برآمدات، سرڪاري خرچن ۽ آمدني جي بنيادي ڍانچي ۾ سڌارا ضروري آهن. تازين پاليسي ڳالهين مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت ۽ آءِ ايم ايف وسيع سبسڊي بدران وڌيڪ هدف وار رليف ڏانهن وڃڻ تي غور ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ گهٽ آمدني وارن خاندانن تائين سڌي مدد پهچائڻ تي زور آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ آءِ ايم ايف جو ايندهن سبسڊي بابت موقف به سمجهڻ ضروري آهي. هڪ طرف ادارو موجوده مستحق ماڻهن لاءِ رليف جي اجازت ڏئي رهيو آهي، پر ٻئي طرف سبسڊي جو دائرو وڌائڻ کان روڪي رهيو آهي. اهو معاشي نظم ۽ سرڪاري خرچن کي محدود رکڻ واري پاليسي سان لاڳاپيل آهي. پاڪستان لاءِ چئلينج اهو آهي ته معاشي نظم قائم رکندي غريب ۽ وچولي طبقي کي وڌندڙ مهانگائي جي بار هيٺان اڪيلو نه ڇڏيو وڃي. رليف جيڪڏهن صرف ڪاغذن تي موجود هجي يا ان تائين پهچ لاءِ پيچيده طريقيڪار هجي ته ان جو مقصد ئي فوت ٿي وڃي ٿو.

ٻئي طرف آءِ ايم ايف پاران ڪنڊ جي شعبي کي ضابطن کان آزاد ڪرڻ جو مطالبو پڻ انتهائي اهم معاملو آهي. رپورٽن موجب هن معاملي تي سنڌ حڪومت جا تحفظات موجود آهن ۽ سنڌ وفاقي ڪنڊ پاليسي کي صوبائي خودمختياري سان لاڳاپيل معاملو قرار ڏنو آهي، جنهن سبب پاليسي کي حتمي شڪل ڏيڻ ۾ اختلاف سامهون آيا آهن. هتي اصل ضرورت جذباتي ٽڪراءُ بدران آئين، صوبائي اختيارن ۽ معاشي ضرورتن کي سامهون رکي سنجيده مشاورت جي آهي. جيڪڏهن ڪنهن پاليسي جو اثر زراعت، ڪمند جي آبادڪارن، صنعت ۽ صوبائي آمدني تي پوي ٿو ته صوبن جي راءِ کي نظرانداز ڪرڻ سان پاليسي جي قبوليت ۽ عملي نفاذ ٻنهي کي نقصان پهچي سگهي ٿو.

ساڳي وقت آءِ ايم ايف پاران بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نقصان، گردشي قرض، گئس جي قيمتن جي ڍانچي ۽ بجلي جي شعبي ۾ سڌارن تي زور پڻ ڳالهين جو حصو آهي. رپورٽن موجب بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري ۽ لائين لاسز گهٽائڻ بابت به بحث جاري آهي. اهي مسئلا سالن کان ملڪ جي معيشت تي بار بڻيل آهن. تنهنڪري انهن جو حل صرف قيمتون وڌائڻ يا ادارا وڪڻڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر انتظامي ڪارڪردگي، چوري جي روڪٿام، وصولين جي بهتري ۽ صارفين کي بهتر سهولتون ڏيڻ سان گڏ هئڻ گهرجي.

پاڪستان هن وقت اهڙي مرحلي مان گذري رهيو آهي، جتي معاشي استحڪام ۽ عوامي رليف ٻنهي کي گڏ کڻي هلڻ لازمي آهي. آءِ ايم ايف سان جاري ڳالهين بابت رپورٽن موجب موجوده جائزو مثبت رخ ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ لڳ ڀڳ 1.2 ارب ڊالر جي ٻن پروگرامن تحت رقم جي فراهمي لاءِ رستو صاف ٿيڻ جي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي. پر قرض جي قسط ملڻ کي معاشي ڪاميابي جو آخري ماپو سمجهڻ بدران ان کي اهڙي موقع طور ڏسڻ گهرجي، جنهن ذريعي ملڪ پنهنجي آمدني وڌائڻ، برآمدات وڌائڻ، توانائي جي شعبي کي درست ڪرڻ ۽ قرضن تي انحصار گهٽائڻ لاءِ مستقل بنياد پيدا ڪري.

اڄ پاڪستان جو عام ماڻهو رڳو ايندهن جي عارضي رعايت نٿو گهري؛ هو اهڙي معاشي نظام جو طلبگار آهي، جنهن ۾ روزگار جا موقعا وڌن، آمدني ۽ خرچن ۾ توازن پيدا ٿئي، کاڌي پيتي جون شيون عام ماڻهوجي پهچ ۾ رهن، بجلي ۽ گئس جون قيمتون برداشت جوڳيون هجن ۽ ٽيڪس جو بار انصاف سان ورهايو وڃي. حڪومت لاءِ اصل امتحان اهو ئي آهي ته آءِ ايم ايف سان مالي نظم جي پابندي ڪندي عوام جي معاشي تحفظ کي به پاليسي جو مرڪز بڻائي.

ايندهن سبسڊي جي موجوده رليف کي ان ڪري هڪ عارضي سهارو سمجهڻ گهرجي، نه ته مستقل حل. جيڪڏهن رياست واقعي عوام کي معاشي دٻاءَ مان ڪڍڻ چاهي ٿي ته سبسڊي سان گڏ پيداوار وڌائڻ، مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، توانائي جي شعبي جون خاميون ختم ڪرڻ، ٽيڪس نظام کي منصفاڻو بڻائڻ ۽ صوبن سان حقيقي مشاورت ذريعي پاليسيون جوڙڻيون پونديون. ملڪ جي معاشي خودمختياري جو اصل مطلب اهو ئي آهي ته پاڪستان اهڙي مضبوط معيشت تعمير ڪري، جتي هر بحران ۾ نئين قرض يا نئين شرطن ڏانهن ڏسڻ بدران پنهنجي وسيلن، پيداوار ۽ عوام جي معاشي سگهه تي ڀروسو ڪري سگهي.

پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي دعوت، سياسي حڪمت عملي يا مجبوري؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي موڙ تي بيٺل نظر اچي رهي آهي، جتي حڪومت ۽ مخالف ڌر جي وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ گهٽجڻ بدران نئين رخ اختيار ڪري رهي آهي. هڪ طرف پاڪستان تحريڪ انصاف احتجاج، مارچ ۽ ڌرڻي جي سياست کي اڳتي وڌائڻ جو رستو اختيار ڪري رهي آهي، ته ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڀيرو ٻيهر پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي دعوت ڏني آهي. حڪومت جو موقف آهي ته جيڪڏهن احتجاج ۽ ڌرڻو ختم ڪيو وڃي ته ڳالهين جو دروازو کليل آهي ۽ سياسي معاملن کي ڳالهين ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو. پر هن سڄي صورتحال ۾ هڪ اهم سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته آخر حڪومت طرفان پي ٽي آءِ کي بار بار ڳالهين جي دعوت ڏيڻ سياسي حڪمت عملي آهي يا سياسي مجبوري؟

هن سوال جو جواب صرف حڪومتي بيانن يا مخالف ڌر جي الزامن مان ڳولڻ بدران موجوده سياسي صورتحال کي مجموعي طور سمجهڻ سان ئي ملي سگهي ٿو. حڪومت لاءِ هڪ طرف ملڪ ۾ امن امان برقرار رکڻ، معاشي سرگرمين کي جاري رکڻ ۽ انتظامي نظام کي هلائڻ ضروري آهي. جڏهن ته ٻي طرف پي ٽي آءِ پنهنجي سياسي مطالبن لاءِ احتجاج ۽ عوامي دٻاءَ جو رستو اختيار ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت جيڪڏهن سختي اختيار ڪري ٿي ته سياسي ڇڪتاڻ وڌڻ جو خدشو پيدا ٿئي ٿو، ۽ جيڪڏهن ڳالهين جي دعوت ڏئي ٿي ته مخالف ڌر ان کي حڪومت جي دٻاءَ ۾ اچڻ سان تعبير ڪري سگهي ٿي.

اصل ۾ ڳالهين جي دعوت پاڻ ۾ حڪومت جي ڪمزوري جو ثبوت نه آهي. دنيا جي هر جمهوري نظام ۾ سياسي اختلافن جو هڪ اهم رستو ڳالهين کي سمجهيو ويندو آهي. پارليامينٽ جو بنيادي مقصد به اهو ئي آهي ته مختلف سياسي سوچ رکندڙ ڌريون هڪ ٻئي سان ڳالهائين. اختلافن کي بحث ذريعي حل ڪن ۽ اهڙو رستو اختيار ڪن جنهن سان ملڪ جو نظام اڳتي وڌي سگهي. پر پاڪستان جي سياست ۾ مسئلو اهو رهيو آهي ته ڳالهين جي ميز تي اچڻ کان اڳ ئي سياسي ڌريون هڪ ٻئي تي اعتماد ڪرڻ کان محروم ٿي وڃن ٿيون.

حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ تازو ڳالهين جو سلسلو به انهيءَ بي اعتمادي جو شڪار نظر آيو. هڪ طرف پي ٽي آءِ پنهنجن اهم سياسي مطالبن تي زور ڏئي ٿي، جڏهن ته حڪومت احتجاج ختم ڪرڻ ۽ سياسي ماحول کي معمول تي آڻڻ کي ڳالهين لاءِ ضروري سمجهي ٿي. جڏهن ٻنهي ڌرين جون ترجيحون مختلف هجن ۽ هر ڌر پهرين قدم ٻئي کان کڻائڻ چاهي ٿي ته ڳالهين کي نتيجي تائين پهچائڻ آسان نه هوندو.

هتي هڪ ٻيو سوال به اهم آهي ته جيڪڏهن حڪومت کي يقين آهي ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام ضروري آهي ته پوءِ ڳالهين جي دعوت صرف احتجاج ختم ڪرڻ سان ڇو ڳنڍيل آهي؟ حڪومت جو موقف پنهنجي جاءِ تي آهي ته دارالحڪومت ۾ ڌرڻو يا لانگ مارچ معمول جي زندگي، ڪاروبار ۽ انتظامي معاملن کي متاثر ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري احتجاج ختم ٿيڻ کان پوءِ ڳالهين لاءِ ماحول وڌيڪ سازگار ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف پي ٽي آءِ جو خيال ٿي سگهي ٿو ته ڳالهين کان اڳ احتجاج ختم ڪرڻ سان ان جو سياسي دٻاءُ گهٽجي ويندو. انهيءَ نقطي تي ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ بنيادي اختلاف پيدا ٿئي ٿو.

پاڪستان جي عوام لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته سياسي اختلافن جو اثر سندن روزاني زندگي تي گهٽ کان گهٽ پوي. جڏهن احتجاج ٿين ٿا، رستا بند ٿين ٿا، ٽرانسپورٽ متاثر ٿئي ٿي، ڪاروباري سرگرميون سست ٿين ٿيون ۽ عام ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري ٿو. سياسي جماعتن جا پنهنجا مطالبا ۽ سياسي مفاد ٿي سگهن ٿا، پر عام شهري لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه امن، روزگار، ڪاروبار، تعليم، علاج ۽ روزاني زندگيءَ جو معمول آهي.

حڪومت جي موجوده حڪمت عملي کي ڏسجي ته اها هڪ ئي وقت ٻن مختلف محاذن کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هڪ طرف احتجاج کي انتظامي طور تي ڪنٽرول ڪرڻو آهي. ٻي طرف ڳالهين جو رستو به مڪمل طور بند نٿو ڪرڻو آهي. جيڪڏهن حڪومت ڳالهين جو دروازو بند ڪري ڇڏي ته سياسي ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌي سگهي ٿي، ۽ جيڪڏهن احتجاج کي بنا ڪنهن شرط جي قبول ڪري ته حڪومتي رٽ بابت سوال اٿي سگهن ٿا. تنهنڪري حڪومت جو ڳالهين جي دعوت ڏيڻ وارو فيصلو سياسي توازن قائم رکڻ جي ڪوشش طور ڏسي سگهجي ٿو.

پر ساڳئي وقت پي ٽي آءِ جي پوزيشن کي به سمجهڻ ضروري آهي. مخالف ڌر لاءِ احتجاج هڪ سياسي حق آهي، بشرطيڪ اهو قانون ۽ آئين جي دائري ۾ هجي. جيڪڏهن پي ٽي آءِ پنهنجن مطالبن کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ احتجاج ڪري ٿي ته ان کي پنهنجي سياسي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جو حق حاصل آهي. پر احتجاج کي اهڙي حد تائين وٺي وڃڻ جنهن سان عام ماڻهن جي زندگي متاثر ٿئي، ان بابت به سياسي جماعت کي سوچڻو پوندو. ڇو ته آخرڪار سياست جو مقصد عوام جي نمائندگي ڪرڻ آهي ۽ عوام کي مسلسل تڪليف ۾ رکڻ سياسي مقصد حاصل ڪرڻ جو مستقل حل نه ٿي سگهي.

ٻئي طرف حڪومت کي به اهو سمجهڻو پوندو ته رڳو اهو چوڻ ڪافي نه آهي ته احتجاج ختم ڪيو وڃي ۽ پوءِ ڳالهيون ٿينديون. جيڪڏهن حڪومت واقعي ڳالهين کي سياسي حل جو رستو سمجهي ٿي ته پوءِ ڳالهين جي ميز تي واضح ۽ عملي تجويزون رکڻيون پونديون. ساڳئي طرح پي ٽي آءِ کي به پنهنجن مطالبن کي واضح سياسي ۽ آئيني دائري ۾ پيش ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين جو مقصد صرف پنهنجي موقف کي صحيح ثابت ڪرڻ هجي ته پوءِ ڳالهين جو هر دور اڳتي وڌڻ بدران ٻيهر تعطل جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان جي سياسي تاريخ ٻڌائي ٿي ته طاقت جي سياست، احتجاج ۽ ڳالهين جا مرحلا بار بار ايندا رهيا آهن. ڪڏهن مخالف ڌر حڪومت تي دٻاءُ وڌو آهي ۽ ڪڏهن حڪومت مخالف ڌر کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ مختلف سياسي رستا اختيار ڪيا آهن. پر هر دور جو هڪ سبق ضرور آهي ته مستقل سياسي ڇڪتاڻ ڪنهن به ڌر لاءِ ڊگهي عرصي تائين فائديمند نٿي رهي. حڪومت کي پنهنجو نظام هلائڻو آهي ۽ مخالف ڌر کي پنهنجي سياست اڳتي وڌائڻي آهي. پر ٻنهي جي وچ ۾ وڌندڙ فاصلو آخرڪار ملڪ جي سياسي ۽ معاشي ماحول تي اثرانداز ٿئي ٿو.

اڄ جي صورتحال ۾ وزيراعظم طرفان ڳالهين جي ٻيهر دعوت کي رڳو ڪمزوري قرار ڏيڻ شايد مڪمل تصوير پيش نه ڪري. حڪومت هڪ ئي وقت امن امان، سياسي دٻاءَ، معاشي سرگرمين ۽ مخالف ڌر سان اختلافن کي منهن ڏئي رهي آهي. ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻ جو مطلب اهو به ٿي سگهي ٿو ته حڪومت سياسي مسئلن کي سياسي طريقي سان حل ڪرڻ چاهي ٿي. ساڳئي وقت مخالف ڌر ان دعوت کي پنهنجي سياسي دٻاءَ جو نتيجو قرار ڏئي سگهي ٿي. ٻنهي تشريحن جي وچ ۾ فرق ان ڳالهه سان واضح ٿيندو ته ڳالهين جي ميز تي عملي طور ڇا ٿيندو.

حقيقي امتحان هاڻي ٻنهي ڌرين جو آهي. جيڪڏهن حڪومت ڳالهين کي سنجيدگي سان اڳتي وڌائي ٿي ۽ پي ٽي آءِ به احتجاج کي ڳالهين جي رستي ۾ مستقل رڪاوٽ بڻائڻ بدران سياسي حل لاءِ استعمال ڪري ٿي ته صورتحال ۾ بهتري اچي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن هر ڌر ڳالهين کان اڳ ئي پنهنجي شرطن کي آخري فيصلو سمجهي وٺي ٿي ته پوءِ ڳالهين جي دعوت بار بار اچڻ باوجود نتيجو نڪرڻ ڏکيو هوندو.

هتي پارليامينٽ جو ڪردار به اهم بڻجي وڃي ٿو. سياسي اختلافن جو سڀ کان مضبوط ۽ آئيني فورم پارليمان آهي. جتي حڪومت ۽ مخالف ڌر جا نمائندا هڪ ٻئي چت هيٺ ويهي بحث ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن سياسي ڌريون پارلياماني رستو وڌيڪ مضبوط ڪن ۽ هر بحران کي روڊن تي آڻڻ بدران قانون ساز اداري اندر حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

عوام به هاڻي رڳو سياسي بيانن کان وڌيڪ عملي نتيجا ڏسڻ چاهي ٿو. عام ماڻهو لاءِ اهو اهم ناهي ته حڪومت ڳالهين ۾ ڪامياب ٿي يا پي ٽي آءِ پنهنجي سياسي حڪمت عملي ۾ ڪامياب ٿي؛ عوام لاءِ اهم ڳالهه اها آهي ته ملڪ ۾ امن هجي، رستا کليل هجن، ڪاروبار هلي، روزگار جا موقعا وڌن ۽ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي سياسي اختلافن جو بار عام ماڻهوءَ تي نه پوي.

تنهنڪري موجوده صورتحال ۾ اصل سوال اهو نه هجڻ گهرجي ته حڪومت پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي دعوت ڇو ڏئي رهي آهي، پر اهو هجڻ گهرجي ته ڇا حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ٻنهي وٽ سياسي اختلافن کي حل ڪرڻ لاءِ اهڙي سنجيدگي موجود آهي جيڪا ملڪ کي مسلسل ڇڪتاڻ مان ڪڍي سگهي؟ جيڪڏهن ڳالهين جي دعوت واقعي سياسي حل لاءِ آهي ته پوءِ ان کي نتيجي تائين پهچائڻ لاءِ ٻنهي ڌرين کي پنهنجي پنهنجي موقف مان ڪجهه قدم پوئتي هٽڻو پوندو. سياست ۾ هر ڳالهه تي ضد، هر اختلاف تي احتجاج ۽ هر مسئلي تي ٽڪراءُ ملڪ کي اڳتي نه وٺي ويندو. حڪومت لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي آئيني ۽ انتظامي ذميوارين کي پورو ڪندي سياسي مخالفن سان ڳالهين جو دروازو کليل رکي. جڏهن ته پي ٽي آءِ لاءِ به ضروري آهي ته پنهنجي سياسي مطالبن کي جمهوري ۽ آئيني دائري اندر اڳتي وڌائي. ٻنهي ڌرين کي اهو سمجهڻو پوندو ته سياسي فتح صرف مخالف کي پوئتي ڌڪڻ جو نالو ناهي؛ اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي جڏهن سياسي اختلافن باوجود ملڪ جو نظام هلندو رهي ۽ عوام کي سک جو ساهه ملي. آخرڪار وزيراعظم جي پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي دعوت کي سياسي حڪمت عملي چئجي يا سياسي مجبوري، ان جو فيصلو ايندڙ مرحلا ڪندا. جيڪڏهن ڳالهين جي ميز تي سنجيده بحث ٿئي ٿو، ڪجهه معاملن تي اتفاق پيدا ٿئي ٿو ۽ سياسي ڇڪتاڻ گهٽجي ٿي ته اها دعوت سياسي حل ڏانهن هڪ قدم ثابت ٿيندي. جيڪڏهن وري ڳالهين کان اڳ ئي شرطون، احتجاج ۽ ضد غالب اچي وڃن ته پوءِ هڪ ٻئي بحران جو دروازو کلي سگهي ٿو. پاڪستان کي هن وقت سياسي مقابلي کان وڌيڪ سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. ۽ سياسي استحڪام جو رستو آخرڪار ڳالهين، پارليمان ۽ آئيني عمل مان ٿي گذري ٿو.

نئون رستو

تحرير: سراج ڪلهوڙو

اصول اهو ٿو چئي ته جيڪا شيءِ خراب ٿي وڃي، ان کي پهرين درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي؛ پر جڏهن ان جي سڌاري جو ڪو دڳ، ڪا گنجائش ۽ ڪا اميد باقي نه رهي، تڏهن ان کي ختم ڪري نئين راهه اختيار ڪرڻ ۾ ئي عافيت هوندي آهي.

پاڪستاني رياست جي لڳ ڀڳ اٺن ڏهاڪن جي تاريخ تي نظر وجهون ته محسوس ٿئي ٿو ته هي رياست پنهنجي قيام جي پهرين ڏينهن کان ئي اهڙي سياسي ۽ انتظامي رستي تي هلي، جتي برابري، انصاف ۽ گڏيل اعتماد بدران طاقت، مرڪزيت ۽ بالادستيءَ کي وڌيڪ اهميت ملندي رهي.

جمهوريت جا نعرا هجن يا آمريت جا بوٽ، حڪومتن جي شڪل بدلجندي رهي، پر عام ماڻهوءَ جي بنيادي مسئلن ۽ قومن جي حقن بابت بحران ختم نه ٿي سگهيو. نتيجو اهو نڪتو ته قيام کان صرف چوويهه سالن اندر ملڪ جو اوڀر وارو حصو الڳ ٿي بنگلاديش بڻجي ويو.

اڄ باقي بچيل رياست ۾ به سياسي، معاشي ۽ انتظامي بحران، ناانصافيون، تشدد، بي اعتمادي ۽ قومي حقن بابت شڪايتون ختم ٿيڻ بدران وڌنديون رهيون آهن. بلوچستان، خيبرپختونخواهه، ڪشمير ۽ سنڌ جون مختلف حالتون هڪ ئي بنيادي سوال ڏانهن اشارو ڪن ٿيون: ڇا هي رياست پنهنجي سڀني وحدتن ۽ قومن کي برابريءَ سان گڏ کڻي هلڻ جي صلاحيت وڃائي چڪي آهي؟

سنڌ جي قومي شعور جو موقف اهو آهي ته مسئلو رڳو حڪومتن جي تبديليءَ جو ناهي؛ مسئلو ان سياسي ڍانچي جو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي زمين، پاڻي، وسيلن، بندرگاهن ۽ قدرتي دولت کي ته اهميت ڏني وڃي ٿي، پر سنڌي قوم جي سياسي اختيار ۽ قومي حقن کي مسلسل نظرانداز ڪيو وڃي ٿو.

اڄ به سنڌ جي وسيلن تي نظر آهي، سنڌ جي زمين تي نظر آهي، سنڌ جي پاڻيءَ تي نظر آهي؛ پر سوال اهو آهي ته سنڌ جي ماڻهن جي مرضيءَ جي ڪهڙي حيثيت آهي؟

جيڪڏهن ڪنهن قوم جي ڌرتيءَ جا وسيلا ٻين جي مفادن لاءِ استعمال ٿين، ان جي پاڻيءَ جا فيصلا ان جي مرضيءَ کانسواءِ ٿين، ان جي سياسي اختيار کي محدود ڪيو وڃي ۽ ان جي قومي سڃاڻپ کي ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون جاري رهن، ته پوءِ اها قوم پنهنجي مستقبل بابت سوال ڇو نه ڪري؟

هاڻي اصل سوال اهو ناهي ته موجوده نظام کي ڪيترا ڀيرا مرمت ڪري سگهجي ٿو؛ اصل سوال اهو آهي ته ڇا اهو نظام پنهنجي بنيادي تضادن کي ختم ڪري سگهي ٿو؟

سنڌ جو قومي شعور سمجهي ٿو ته جيڪڏهن پاڪستاني رياست پنهنجي اندر موجود قومن کي برابري، انصاف، خوداختياري ۽ سياسي تحفظ ڏيڻ ۾ مسلسل ناڪام رهي آهي، ۽ جيڪڏهن گڏيل سفر جو بنيادي جواز ئي ختم ٿي چڪو آهي، ته پوءِ سنڌ کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق هجڻ گهرجي.

سنڌ جي آزادي ڪنهن کان ورتل خيرات نه آهي. اها سنڌي قوم جو پنهنجي تاريخي وطن تي سياسي اختيار جو حق آهي.

سنڌ هزارين سالن کان پنهنجي ڌرتي، پنهنجي تاريخ، پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ثقافت سان هڪ الڳ قومي وجود رکي ٿي. ڪنهن به رياستي بندوبست کي اهو حق حاصل نه هجڻ گهرجي ته هو سنڌي قوم جي مرضيءَ کانسواءِ سنڌ جي سياسي مستقبل جو فيصلو ڪري.

تنهنڪري سنڌ جي قومي شعور لاءِ هاڻي منزل رڳو ڪنهن حڪومت جي تبديلي، ڪنهن آئيني ترميم يا ڪنهن نئين انتظامي بندوبست تائين محدود نه رهي آهي.

منزل سنڌ جي آزادي آهي.

هڪ اهڙي آزاد سنڌ، جتي سنڌ جي زمين جو فيصلو سنڌ جا ماڻهو ڪن، سنڌ جي پاڻيءَ جو فيصلو سنڌ جا ماڻهو ڪن، سنڌ جي وسيلن جو مالڪ سنڌي عوام هجي ۽ سنڌ جي سياسي مستقبل جو فيصلو به سنڌي قوم پنهنجي آزاد مرضيءَ سان ڪري.

جيڪڏهن موجوده رياستي بندوبست جو سفر برابري ۽ انصاف ڏانهن اڳتي وڌڻ بدران سنڌ جي قومي وجود ۽ وسيلن تي دٻاءُ وڌائيندو رهي ٿو، ته پوءِ سنڌ جي شعور وٽ پنهنجي تاريخي حق ڏانهن موٽڻ کانسواءِ ٻيو ڪهڙو رستو بچي ٿو؟

پاڪستان جو باب بند ٿئي يا نه، اهو وقت ۽ تاريخ طئي ڪندي؛ پر سنڌ جي آزاديءَ جو سوال ختم نه ٿيندو.

ڇو ته قومن جا حق حڪمرانن جي مرضيءَ سان پيدا ناهن ٿيندا ۽ حڪمرانن جي مرضيءَ سان ختم به ناهن ٿيندا.

سنڌ آزاد هئي، سنڌ آزاد رهڻ چاهي ٿي، ۽ سنڌ جي آزادي سنڌي قوم جو پنهنجي وطن تي ڪائناتي حق آهي.

بقايا * 01**

ملاقات ۾ وزيراعظم جو چوڻ هو ته خيبرپختونخواهه جي عوام جون دهشتگردي جي خلاف قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. وفاقي وزير وزيراعظم کي آزاد جمون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ جاري معاملن ۽ اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ ڏني. وزيراعظم آزاد جمون ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي عوام جي فلاح، بهبود، ترقي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ موثر قدم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته آزاد جمون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي ترقي ۽ اتان جي عوام جي خوشحالي حڪومت جي اوليت ۾ شامل آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي مشروط دعوت ڏيندي چيو هو ته احتجاج ۽ ڌرڻا ختم ڪريو اسان جا دروازا کليل آهن. مارچ ۽ ڌرڻن جي خاتمي کان پوءِ ئي ڳالهين جو عمل ممڪن ٿي سگهندو. وزيراعظم افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڳالهين کي ڪامياب بڻائڻ جون سموريون ڪوششون فائديمند ثابت نه ٿي سگهيون. هڪ طرف ملڪ ترقي جي رستي تي گامزن آهي ته ٻئي طرف احتجاج سبب برآمدات، درآمدات ۽ مينوفيڪچرنگ سيڪٽر شديد متاثر ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿي چڪو آهي. ڌرڻن ۽ احتجاج جي سياست جو سڌو سنئون نشانو معيشت بڻجندي.

بقايا * 02**

فراهمي آسان بڻائڻ جي لاءِ ٻين صوبن کي پنجاب جي طرز تي زمين رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته زمين رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن سان بئنڪن جي لاءِ هائوسنگ قرضن جي فراهمي ۾ آساني ۽ شفافيت ايندي. ايس ايم ايز جي صلاحيت وڌائڻ، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ، پيداواري صلاحيت ۾ اضافي ۽ عالمي ويليو چين سان ڳنڍڻ جي لاءِ سميڊا موثر قدم کڻي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ هائوسنگ، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي کي قرضن جي فراهمي جي حوالي سان اعلى سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ قرضن جي حوالي سان نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۽ فرسٽ وومين بئنڪ جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو. وزيراعظم چيو ته هائوسنگ، زراعت ۽ ايس ايم ايز شعبن کي مالي وسيلن جي فراهمي ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪري قرضن جي نظام کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي. ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن کي قرضن جي فراهمي ۾ سهولت جي لاءِ ايس ايم اي پورٽل نومبر جي پڇاڙي تائين فعال ڪيو وڃي. ايس ايم اي پورٽل جي ذريعي بئنڪن پاران قرضن جي فراهمي ۽ ليٽرز آف ڪريڊٽ (ايل سيز) سميت ڪاروباري سهولتن جي تازه ترين صورتحال جي سڌوسنئون نگراني ممڪن ٿيندي. هن چيو ته ايس ايم ايز جي صلاحيت وڌائڻ، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ، پيداواري صلاحيت ۾ اضافي ۽ عالمي ويليو چين سان ڳنڍڻ جي لاءِ سميڊا موثر قدم کڻي. نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي هائوسنگ فنانس جي شعبي ۾ قرضن جي منظوري جي شرح 76 سيڪڙو هجڻ ساراهه لائق آهي. وزيراعظم نيشنل بئنڪ جي نئين مقرر ٿيندڙ صدر کي هدايت ڪئي ته نيشنل بئنڪ جي ڪارڪردگي وڌائڻ جي لاءِ بهترين پروفيشنلز جون خدمتون ورتيون وڃن ۽ گهربل نتيجا نه ڏيندڙ عملي جي خلاف بنا ڪنهن خوف جي محڪماتي ڪارروائي ڪئي وڃي. بئنڪن جي لاءِ هائوسنگ فنانس جي فراهمي آسان بڻائڻ جي لاءِ ٻيا صوبا پنجاب جي طرز تي زمين رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن تيز ڪن. زمين رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن سان بئنڪن جي لاءِ هائوسنگ قرضن جي فراهمي ۾ آساني ۽ شفافيت ايندي. اجلاس کي هائوسنگ، زرعي شعبي ۽ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن کي قرضن جي فراهمي جا انگ اکر پيش ڪيا ويا. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم تحت هيستائين 426 ارب روپين جي ماليت جي 71 هزار 690 قرضن جي منظوري ڏني وئي آهي. وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم تحت هيستائين 13214 ماڻهن کي 76 ارب روپين جا قرض جاري ڪيا ويا آهن. هلندڙ سال 125000 رهائشي يونٽس جي لاءِ 700 ارب روپين جي قرضن جي فراهمي جو هدف رکيو ويو آهي. زرعي شعبي جي لاءِ قرضن جو مجموعي ڪاٿو 1352 ارب روپيا آهي جنهن سان 34 لک 55 هزار ماڻهن فائدو کنيو. جون 2027ع تائين زرعي قرضن جو ڪاٿو 1500 ارب روپيا ۽ فائدو کڻندڙن جو انگ 45 لک جو هدف مقرر آهي. زرعي شعبي جي مالي وسيلن تائين پهچ وڌائي آبادگارن جي پيداواري صلاحيت ۽ معاشي سرگرمين کي فروغ ڏنو ويندو. ايس ايم اي شعبي جي 3 لک 50 هزار ڪاروباري ماڻهن کي 1137 ارب روپين جا قرض فراهم ڪيا ويا آهن. جون 2027ع تائين ايس ايم اي شعبي جي قرضن جو ڪاٿو 1500 ارب روپيا ۽ قرض حاصل ڪندڙ ڪاروباري ادارن جو انگ 5 لک 65 هزار جو هدف مقرر آهي. ايس ايم ايز کي مالي وسيلن تائين آسان پهچ، جديد ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري ۽ عالمي منڊين ۾ چٽاڀيٽي جي قابل بڻائڻ جي لاءِ قدم جاري آهن. ايس ايم ايزجي لاءِ نظرثاني ٿيل ضابطن ۽ هائوسنگ جي طريقيڪار کي وڌيڪ آسان ۽ موثر بڻائڻ جي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. اجلاس کي قرضن جي فراهمي ۾ گڏيل رسڪ شيئرنگ، سپلاءِ چين فنانسنگ جي فروغ، مستنند ڊيٽا شيئرنگ ۽ ٻين جاري قدمن تي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ننڍا قرض حاصل ڪرڻ جي لاءِ صارفين کي بئنڪ برانچن جا چڪر لڳائڻ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ ڊجيٽل نظام کي فروغ ڏنو پيو وڃي. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن راڻا تنوير حسين، احد خان چيما، محمد اورنگزيب، رياض حسين پيرزاده، عطاءُ الله تارڙ، وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد ۽ ٻين اعلى سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا * 03**

يا غير اثرائتو نٿو ڪري سگهجي. ايوان صدر ۾ تقريب ڪوٺائي وئي ڪئي وئي، جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس کي "نشان امتياز" سان نوازيو. تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر به شرڪت ڪئي. انتونيو گوتريس پاڪستان جو اعليٰ قومي اعزاز ملڻ تي صدر جا ٿورا مڃيا. صدر زرداري سان ملاقات دوران عالمي امن ۽ ڳالهه ٻولهه لاءِ سندس ڪوششن کي ساراهيو. ان موقعي تي صدر آصف علي زرداري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڻي کي هٿيار يا سياسي دٻاءَ جي ذريعي طور استعمال نه ڪرڻ گهرجي. پائيدار امن لاءِ سمورن پراڻن تڪرارن، خاص طور تي جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار جو حل ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان فلسطيني عوام ۽ سندن حق خودارادايت جي ڀرپور حمايت جاري رکندي. پاڪستان کي افغان سرزمين تان سرگرم دهشتگرد گروهن طرفان مسلسل دهشتگردي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. صدر چيو ته افغان سرزمين پاڪستان يا ڪنهن به ٻئي ملڪ خلاف استعمال نه ٿيڻ گهرجي. جڏهن ته علائقائي تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهين جو ڪو متبادل ناهي.

بقايا * 04**

۽ غريب عوام پاڪستان ۾ رهندي آهي رپورٽ موجب روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدني تي گذارو ڪندڙ انتهائي غريب ماڻهن مان تقريبن 48 سيڪڙو صرف پاڪستان ۾ آهن. افغانستان، شام ۽ يمن کي ملائي 47 سيڪڙو آهن يعني انهن 4 ملڪن تي خطي جي انتهائي غريبن جو تقريبن 95 سيڪڙو بار آهي. رپورٽ موجب پاڪستان ۾ غربت وڌيڪ وڌي وئي آهي جڏهن ته هلندڙ مالي سال جي دوران گڏيل اقتصادي شرح نمو 3.8 سيڪڙو رهڻ ۽ مهانگائي جي شرح 8.2 سيڪڙو رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته معاشي ايڊجسٽمينٽ جي ڊگهي دور ماڻهن جي حقيقي آمدني ۽ روزگار جي موقعن کي وڌيڪ گهٽ ڪيو آهي. عالمي بئنڪ موجب پاڪستان ۾ 2018 کان 2025 جي دوران روزانو 3 ڊالر ڪمائيندڙ غريب ماڻهن جي شرح ۾ 6.4 سيڪڙو پوائنٽس جو اضافو ٿيو جڏهن ته روزانو 4.20 ڊالر آمدني وارن ماڻهن ۾ اهو اضافو 3.2 سيڪڙو پوائنٽس رهيو.

بقايا * 05**

ڪندي راڻا ثناءالله جو چوڻ هو ته سياسي عدم استحڪام 2014 کان شروع ٿيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي. 2014 ۾ اسلام آباد تي چڙهائي کان پوءِ اسلام آباد جو گهيراءُ پي ٽي آءِ جو بنيادي نڪتو رهيو پي ٽي آءِ اسلام آباد تي ٻيهر چڙهائي جي ڪوشش ۾ آهي. انهي جو واحد ايجنڊا ملڪ ۾ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ آهي. هن جو چوڻ هو ته سياسي اختلافن جو حل ڳالهيون آهن. پي ٽي آءِ ذاتي مفادن کي پاسي تي رکي مسئلن جي حل طرف اچي، قومي مفاد تي ذاتي مفاد کي ترجيح ڏيڻ جي قانون ۾ اجازت نٿو ڏيان. پي ٽي آءِ خيبرپختونخواهه حڪومت جا وسيلا استعمال ڪري رهي آهي. ڳالهين ۾ ڊيڊ لاڪ کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته 4 آڪٽوبر کان هينئر تائين هي صرف ڪجهه هزار ماڻهو ئي جمع ڪري سگهيا آهن. رياست کي يرغمال بنائي ڪنهن به مطالبي کي نٿو مڃرائي سگهجي. راڻا ثناءالله جو چوڻ هو ته افغان رجيم کي سمجهايو ته پنهنجي زمين پاڪستان جي خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏيو. افغانستان بابت پاليسي تي پوري قوم متفق آهي، صرف پي ٽي آءِ افغان پاليسي سان متفق نه آهي. وزيراعظم جي صلاحڪار جو چوڻ هو ته ڪسٽم ۽ پوليس جا شهيد ڇا ڪنهن سياسي پارٽي يا ٻئي صوبي جا آهن. ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردن جي خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جاري رهندا.

بقايا * 06**

ي لاءِ سڀني کان وڏو مسئلو اهو آهي ته ڪنهن کي به خبر ناهي ته آخر ملڪ کي ڪير هلائي رهيو آهي. ٽرمپ جو چوڻ هو ته ايران جو سپريم ليڊر آيت الله علي خامنائي کي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملي جي پهرين ئي ڏينهن 28 فيبروري تي ختم ڪيو ويو هو. انهي جي پٽ مجتبيٰ خامنائي سپريم ليڊر جو عهدو سنڀاليو پر اهو به حملي ۾ زخمي ٿيڻ کان پوءِ منظر عام تي ناهي آيو هوڏانهن ميري لينڊ روانو ٿيڻ کان اڳ صحافين سان ڳالهيون ڪندي آمريڪي صدر جو چوڻ هو ته اسان تيل جي ورهاست اهڙي سطح تي آڻي رهيا آهيون جيڪا جنگ کان اڳ جي سطح تي برابر آهي. ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته ايراني وزير چئي رهيو آهي ته اسان جي ڪا به معيشت نه آهي ۽ اسان وٽ تيل به نه آهي. ٻئي طرف آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جو چوڻ هو ته ايران سان معاهدي لاءِ تيار آهيون پر ايران کي ايٽمي پروگرام تي لچڪ ڏيکارڻي پوندي ۽ پنهنجي ايٽمي صلاحيت کي گهٽ ڪرڻو پوندو. جي ڊي وينس رائٽرز کي انٽرويو ڏيندي چيو ته صرف مستقبل ۾ ايٽمي سرگرمين ۾ گهٽتائي جو يقين ڏيارڻ ڪافي نه هوندو. جيڪڏهن ايران ايٽمي هٿيار نٿو چاهي ته پوءِ 60 سيڪڙو تيار تيل بارڻ جي ضرورت ڇو آهي؟ هن چيو ته جيڪڏهن ايران اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو ته هو ايٽمي هٿيار نه ٺاهيندو ته انهي کي انتهائي افزوده بارڻ تيار نه ڪرڻ گهرجي. جي ڊي وينس چيو ته ڳالهين کي ڏکيو بنائيندڙ هڪ اهم ڳالهه اها آهي ته واشنگٽن کي اها خبر نه آهي ته ايران ۾ فيصلا ڪير ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي آمريڪي نائب صدر جي موقف کي رد ڪندي چيو آهي ته آمريڪي اختيارين کي چڱي ريت خبر آهي ته انهن جو ايراني هم منصب ڪير آهي ۽ ايران ۾ فيصلا ڪندڙن جو نظام ڪيئن ڪم ڪندو آهي.

بقايا * 07**

يو ته راڄڌاني کي پي ٽي آءِ جي رحم ڪرم تي نٿا ڇڏي سگهون. طالبان سان گڏجي پي ٽي آءِ کي اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ نه ڏينداسين. اسلام آباد جي حفاظت اسان جو فرض آهي. دفاع واري وزير چيو ته گورنر راڄ لڳڻ سان پي ٽي آءِ سياسي شهيد چورائيندي يا نه، اهو ته وقت ٻڌائيندو جيڪڏهن ڪنهن هڪ شخص جي خوشي لاءِ ملڪ کي ٽڪرا ڪرڻ چاهين ٿا ته اهو قبول نه ڪيو ويندو خواجه آصف چيو ته ڪي پي حڪومت جي اڳواڻن ۾ اختلافن جو امڪان آهي. پي ٽي آءِ جا اندروني اختلاف شدت اختيار ڪري ويا آهن ۽ پارٽي جا پنهنجا ميمبر به چاهين ٿا ته هن مسئلي جو ڪو حل ڳوليو وڃي.

بقايا * 08**

ارروايون ڪندي 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جن جي قبضي مان گٽڪا، آڪڙا پرچين جو سامان، روڪ رقم، شراب جون بوتلون ۽ چرس هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا. ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي هدايتن تي ايس ڊي پي او سٽي سهيل احمد سومرو جي سربراهي ۾ سٽي پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون. سي سيڪشن پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪندي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدار اياز علي سولنگي جي قبضي مان هڪ پيڪٽ گٽڪا ڇٽالي هٿ ڪيو ويو. جڏهن ته مخفي اطلاع تي آڪڙا پرچي اڏي تي ڇاپو هڻي جوابدارن حبيب چوهان ۽ اختر اعوان کي گرفتار ڪري آڪڙا پرچي بڪس ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. جوابدارن خلاف گٽڪا ۽ جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا. اي سيڪشن پوليس جي ڪارروائي دوران گٽڪا ڇٽالي ۽ شراب سميت 2 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. جوابدار محمد سليمان شيخ جي قبضي مان گٽڪا ڇٽالي جا 3 پيڪٽ، جڏهن ته الطاف ميراڻي جي قبضي مان شراب جون 4 بوتلون هٿ ڪيون ويون. جوابدارن خلاف لاڳاپيل قانون تحت ڪيس داخل ڪيا ويا. هوڏانهن بي سيڪشن پوليس به ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار امجد نوناري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 200 گرام چرس هٿ ڪري ورتي، جنهن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو سکر پوليس ترجمان موجب سماجي برائين ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا * 09**

ئي. پوليس اختيارين موجب مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ ياسر جي نالي سان ٿي آهي. جيڪو خدا جي بستي جو رهواسي هو پوليس موجب ياسر جو لاش گذريل ڏينهن ٽڪرن جي صورت ۾ هٿ آيو هو.

بقايا * 10**

جي ڪوشش دوران مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڀاءُ مارجي ويو جڏهن ته ٻيو زخمي ٿي پيو سائيٽ سپرهاءِ وي فقيرا ڳوٺ ۾ هڪ گهر اندر چار هٿيار بند چوري جي نيت سان داخل ٿيا ته گهر ڀاتين گوڙ شروع ڪيو جنهن تي جوابدارن فائرنگ شروع ڪئي ۽ فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو موقعي تي مارجي ويو جڏهن ته سندس ڀاءُ زخمي ٿي پيو پوليس موجب مارجي ويل ۽ زخمي ڀائر آهن. شروعاتي طور تي واقعو چوري دوران مزاحمت جو لڳي رهيو آهي واقعي واري هنڌ تان 30 بور پسٽول جا 2 خول به مليا آهن واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. مارجي ويل شخص جي ڀاءُ عدنان صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته مان ڀائرن سان گڏجي فروٽ جو ڪاروبار ڪندو آهيان مقتول عامر ٽن ٻارن جو پيءُ هو جڏهن ته انهن جو ابائڻو تعلق رحيم يار خان سان آهي. پوليس موجب ضابطي جي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ فوت ٿي ويل شخص جي لاش وارثن جي حوالي ڪئي وئي آهي.

بقايا * 11**

روائي بابت رپورٽ سنڌ جي وڏي وزير کي پيش ڪندو جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ ڪميشن ڪارروائي مڪمل ڪئي. جڏهن ته رپورٽ جمع ڪرائڻ لاءِ ڪميشن وٽ 15 آڪٽوبر تائين وقت آهي. جوڊيشل ڪميشن واقعي واري هنڌ جي دوري سميت مجموعي طور 15 اجلاس ڪيا. ٻئي طرف سي پي ايل سي جي نمائندي جوڊيشل ڪميشن آڏو بيان ڏيندي چيو ته مير رضا جو انٽرنيٽ شام 4 لڳي 25 منٽن تائين آن هو. جڏهن ته سندس موبائل فون تي 4 لڳي 10 منٽن کان 4 لڳي 20 منٽن دوران ميپ تائين رسائي ڪئي وئي هئي. هن ٻڌايو ته آءِ پي ايڊريسز بابت اين سي سي آءِ اي کي خط لکيا ويا آهن. ڪمپنيون آءِ پي ايڊريس ذريعي استعمال ٿيل نمبر جو پتو لڳائي سگهن ٿيون. ڪميشن جي سوال تي سي پي ايل سي جي نمائندي ٻڌايو ته مير رضا شام 4 لڳي 7 منٽن تي آن لائن ٽيڪسي ڊرائيور سان رابطو ڪيو هو. هن چيو ته ڪا به آئوٽ گوئنگ ڪال جو رڪارڊ موجود ناهي، جڏهن ته انٽرنيٽ ڪالنگ جو به ڪو رڪارڊ موجود نه هوندو جيوفينسنگ دوران به ڪا مشڪوڪ سرگرمي رڪارڊ نه ٿي. وڪيل جبران ناصر جي سي سي ٽي وي بابت سوال تي سي پي ايل سي جي نمائندي ٻڌايو ته گلستان جوهر بلاڪ هڪ کان چار تائين سي پي ايل سي جا پنهنجا ڪيمرا لڳل آهن. جن مان مير رضا رڳو ٽن ڪيمرائن ۾ نظر آيو. هن چيو ته جتي واقعو پيش آيو، اهو علائقو ڪيمرائن جي ڪوريج کان ٻاهر آهي. جڏهن ته وڊيوز ۾ گاڏين جا نمبر به نظر نه اچي سگهيا. سندس چوڻ هو ته موبائل فون تي سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي وڊيو ۾ تبديلي آڻڻ ممڪن ناهي. واضح رهي ته جوڊيشل ڪميشن جي قيام جو نوٽيفڪيشن 24 آگسٽ تي جاري ڪيو ويو هو. جڏهن ته ڪميشن 27 آگسٽ تي ڪم شروع ڪيو هو سنڌ جي گهرو کاتي ڪميشن کي هڪ مهيني اندر ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا * 12**

ن ۾ سيڙپڪاري پاڪستان جي مستقبل جي ترقي جو بنياد آهي. جڏهن ته تعليم، صحت، غذائيت، صاف پاڻي ۽ آبادي جي توازن کي قومي هنگامي ترجيحون قرار ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهڙو اظهار هن اڏام پاڪستان تحت منعقد اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. وفاقي وزيرچيو ته پاڪستان ڪيترائي ڀيرا ترقي جا منصوبا ناهيا، پر سياسي عدم استحڪام سبب پاليسين جو تسلسل متاثر ٿيو. اڄ اسان جي سامهون اهو فيصلائتو سوال آهي ته 2047ع ۾ آزادي جا 100 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي پاڪستان ڪٿي بيٺل هوندو اسان کي معرڪه حق وانگر معرڪه ترقي به کٽڻو آهي. هن چيو ته هاڻي رڳو منصوبا ناهڻ جو وقت ناهي پر ان تي موثر عملدرآمد يقيني بڻائڻ هوندو. بهترين رٿابندي سان موثر عملدرآمد ئي ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو. رٿابندي واري وزارت جو ڪم بهترين تحقيق تي ٻڌل رٿابندي فراهم ڪرڻ آهي جڏهن ته عملدرآمد لاڳاپيل کاتن ۽ صوبائي حڪومتن کي ڪرڻو آهي. احسن اقبال چيو ته 18 هين ترميم جو مقصد سماجي شعبن ۾ بهتري آڻڻ هو پر اختيار هيٺين سطح تائين منتقل نه ٿيڻ سبب گهربل نتيجا حاصل نه ٿي سگهيا. عوام کي بنيادي سهولتون سندن گهر جي چائنٺ تي فراهم ڪرڻ لاءِ انتظامي سڌارا ڪرڻا پوندا ۽ ضلعي جي سطح تي بااختيار کاتا قائم ڪرڻا پوندا. هن چيو ته هڪ صوبائي سيڪريٽري سڄي صوبي جا مسئلا موثر انداز ۾ حل نٿو ڪري سگهي ان لاءِ اختيارن کي مقامي حڪومتن تائين منتقل ڪرڻو پوندو صوبائي حڪومتون تعليم، صحت ۽ ٻين سماجي شعبن ۾ گورننس ريفارمز آڻين ۽ بهترين صلاحيتن وارا آفيسر مقرر ڪن. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي خواندگي جي شرح 63 سيڪڙو آهي ۽ ان سطح جي خواندگي جي شرح سان ملڪ گهربل رفتار سان ترقي نٿو ڪري سگهي. تعليم، صحت، غذائيت، صاف پاڻي ۽ آبادي جي توازن جهڙا مسئلا رستن ۽ عمارتن کان وڌيڪ اهم آهن ۽ انهن کي قومي ايمرجنسي طور وٺڻو پوندو هن چيو ته وڌندڙ آبادي پاڪستان لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي، آبادي ۾ اضافو معاشي ترقي جي ڪوشش کي متاثر ڪري سگهي ٿي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته انساني وسيلن ۽ مهارتن کي هٿي ڏيڻ تي ڌيان ڏئي پاڪستان جي نوجوان آبادي کي قومي ترقي جي موثر قوت ۾ تبديل ڪيو ويندو.

بقايا * 13**

ته واقعي واري هنڌ تي ڪولنگ جو عمل جاري رهيو فائر بريگيڊ جي 4 گاڏين باهه وسائڻ واري آپريشن ۾ حصو ورتو. باهه سبب ڪو به جاني نقصان نه ٿيو، تنهن هوندي به ڪارخاني ۾ پيل لکين روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو ريسڪيو آپريشن دوران سنڌ رينجرز جا اهلڪار پڻ فائر بريگيڊ ۽ ٻين امدادي ادارن سان گڏ موجود رهيا. باهه لڳڻ جو سبب فوري طور معلوم نه ٿي سگهيو جنهن بابت جاچ جاري آهي.

بقايا * 14**

ي. پوليس موجب مقتول تاجدار الله جي زال مبينا طور يونس ۽ عديل سان گڏجي پنهنجي مڙس کي قتل ڪيو واقعي بابت مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي مقتول جي زال، يونس ۽ عديل خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته فليٽ اندر فائرنگ ۾ فوت ٿيل تاجدار الله جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد اباڻي علائقي ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا * 15**

فرار ٿي ويا. پوليس موجب زخمي شهري اسپتال پهچي واقعي جي اطلاع ڏني. متاثر شهري موٽرسائيڪل تي هڪ ڪروڙ 30 لک روپيا ڪٿي وڃي رهيو هو ته ڌاڙيلن ڪيس نشانو بڻايو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو گلشن ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيو يا عزيز ڀٽي ٿاڻي جي حدن ۾، ان بابت جاچ جاري آهي. جڏهن ته ٻنهي ٿاڻن جي نفري کي واقعي واري هنڌ اماڻيو ويو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو نوٽيس وٺندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ ڊي آءِ جي ايسٽ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. آءِ جي سنڌ ملزمن جي فوري گرفتاري لاءِ خاص قدم کڻڻ ۽ جاچ ۾ اڳڀرائي کان مسلسل آگاهه رکڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن سي سي ٽي وي فوٽيجز ٽيڪنيڪل شاهدن ۽ ٻين ذريعن ذريعي ملزمن جي سڃاڻپ يقيني بڻائڻ جو حڪم پڻ ڏنو.

بقايا * 16**

ي، ڪياماڙي، نيو ڪراچي، سرجاني ٽائون، نارٿ ناظم آباد، لانڍي ايريا، لياري، قائد آباد ۽ گلشن حديد سميت شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي بند ٿي وئي هئي. ڪي اليڪٽرڪ جي ترجمان موجب اين ايچ ٽي نيٽ ورڪ ۾ ٿوري وقت لاءِ فني خرابي پيدا ٿي، جنهن سبب ڪجهه علائقن ۾ بجلي جي فراهمي متاثر ٿي. ترجمان جو چوڻ آهي ته متاثر ٿيل ڪجهه علائقن ۾ بجلي بحال ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ بجلي جي فراهمي معمول مطابق جاري آهي.

بقايا * 17**

۾ هڪ ڀاءُ مارجي ويو، جڏهن ته ٻيو زخمي ٿي پيو پوليس موجب چاند بنگلي پرسان 4 هٿياربند ڦر جي ارادي سان گهر ۾ داخل ٿيا ته گهر ڀاتين جي شور تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا. فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو موقعي تي مارجي ويو، جڏهن ته سندس ڀاءُ زخمي ٿي پيو پوليس جو چوڻ آهي ته مارجي ويل ۽ زخمي ٿيل ڀائر آهن. شروعاتي جاچ موجب واقعو ڦر دوران مزاحمت جو لڳي ٿو جڏهن ته واقعي واري هنڌان 30 بور پسٽل جا 2 خول پڻ هٿ آيا آهن. مقتول جي ڀاءُ عدنان ٻڌايو ته هو ڀائر گڏجي ميوي جو ڪاروبار ڪندا آهن. مقتول عامر ٽن ٻارن جو پيءُ هو ۽ سندن اباڻو تعلق رحيم يارخان سان آهي. پوليس موجب ضروري ڪارروائي بعد مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا * 18**

اجلاس ٿيو جنهن ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي سيڪريٽري اسد ضامن، يلو لائين جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪمال دائود، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي بهزاد ميمڻ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران يلو لائين بي آر ٽي جي مختلف تعميراتي ڪمن، اڳڀرائي ۽ منصوبي جي اهم حصن جو جائزو ورتو ويو. جڏهن ته لاڳاپيل عملدارن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي منصوبي تي جاري ڪم ۽ مختلف تعميراتي پيڪيجز بابت بريفنگ ڏني. شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته منصوبي سان لاڳاپيل سمورا ڪم باهمي رابطي ۽ گڏيل حڪمت عملي تحت اڳتي وڌايا وڃن ۽ تعميراتي ڪم ڏينهن رات جاري رکيو وڃي، جيئن شهرين کي جديد سفري سهولتون فراهم ڪرڻ وارو منصوبو جلد مڪمل ٿي سگهي. سينيئر وزير تاج حيدر پل جي ٻئي حصي تي جاري ڪم کي جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته پل جي تعميراتي ڪم ۾ تيزي سان اڳڀرائي يقيني بڻائي وڃي. هن چيو ته منصوبي جي اهم حصن، خاص طور ڊيپوز جي تعميراتي ڪم کي به ترجيحي بنيادن تي اڳتي وڌايو وڃي، جڏهن ته منصوبي جي هر حصي جي باقاعدي نگراني ڪئي وڃي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته تعميراتي ڪم جي رفتار سان گڏ معيار کي به يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته ڪراچي ۾ جديد ۽ مربوط ماس ٽرانزٽ نظام جي فراهمي لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم جاري آهي. يلو لائين بي آر ٽي سنڌ حڪومت جي جامع ٽرانسپورٽ ويزن جو حصو آهي. سينيئر وزير چيو ته ڪراچي جي وڌندڙ آبادي ۽ سفري ضرورتن کي نظر ۾ رکندي جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ حڪومت عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کڻي رهي آهي.

بقايا * 19**

جلسي کي خطاب ڪندي محمود خان اڇڪزئي چيو ته جيڪڏهن مسئلي جو حل چاهيو ٿا ته حڪومت کي باني پي ٽي آءِ سان اسان جي ملاقات ڪرائڻي پوندي. هن چيو ته اسان ضمانت ڏيون ٿا ته باني پي ٽي آءِ سان ملاقات ڪانپوءِ مسئلن جي حل تائين ڳالهيون ختم نه ڪنداسين، پر ڳالهين جو سلسلو جاري رهندي محمود خان اڇڪزئي چيو ته باني پي ٽي آءِ جيڪو چوندو اسان اهو ئي موقف اڳتي پهچائينداسين. مسئلي جو حل چاهيون ٿا ته باني پي ٽي آءِ سان ملڻو پوندو جڏهن ته سياسي بحران جو حل ڳالهين ۽ آئين جي بالادستي ۾ آهي. اپوزيشن اڳواڻ چيو ته سمورين سياسي پارٽين کي آئين جي بالادستي تي متفق ٿيڻ گهرجي. محمود خان اڇڪزئي خبردار ڪيو ته خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو ته ملڪ جا سمورا چوراها بند ڪنداسين. خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ڪنهن به صورت قبول نه ڪيو ويندو. هن چيو ته گورنر راڄ لاڳو ٿيو ته ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي ۽ سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويندو. اسان شهباز حڪومت کي تسليم نٿا ڪريون.

بقايا * 20**

پال سيڪريٽري آغا واصف، پي اينڊ ڊي بورڊ جو چيئرمين نجم شاهه، اسڪول ايجوڪيشن جو سيڪريٽري زاهد عباسي، سيڪريٽري ناڻو اصغر ميمڻ ۽ ايس اي ايف جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري شرڪت ڪئي. بورڊ چيو ته ايس اي ايف (SEF) هن وقت صوبي جي تعليمي حڪمت عملي جي بنيادي پٿر طور ڪم ڪري رهي آهي جيڪا 3,230 ادارن جي ذريعي 1,078,252 شاگردن تائين پهچي رهي آهي. هن واڌاري کي برقرار رکڻ ۽ وڌندڙ مهانگائي کي منهن ڏيڻ لاءِ بورڊ پارٽنر اسڪولن، جن ۾ دي سٽيزنز فائونڊيشن (TCF) پاران هلايل اسڪول به شامل آهن، جي سبسڊي جي شرحن تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ 7.9 ارب روپين جي اضافي سالياني فنڊن جي منظوري ڏني. سخت نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڏي وزير هڪ خصوصي ڪميٽي جوڙي، جنهن ۾ تعليم وارو وزير، پي اينڊ ڊي چيئرمين ۽ ناڻي وارو سيڪريٽري شامل آهن جيڪا سبسڊي جي آخري ڦيرڦار جو جائزو وٺندي ۽ ان بابت سفارشون پيش ڪندي. ان کان علاوه بورڊ مشڪل ۽ پهچ کان پري وارن علائقن ۾ خدمتن جي توسيع لاءِ هڪ اسٽريٽجڪ گرانٽ جي منظوري ڏني. ان ۾ بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولڻ، گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ نيون سهولتون قائم ڪرڻ ۽ مرحليوار طريقي سان 500 سرڪاري ڪميونٽي اسڪولن کي چالو ڪرڻ شامل آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته صوبائي حڪومت ان عزم تي قائم آهي ته ڪوبه ٻار تعليم کان محروم نه رهي. هن ايس اي ايف (SEF) جي قيادت تي زور ڀريو ته هو سڄي سنڌ ۾ انساني ترقي جي اشارن کي بهتر بڻائڻ لاءِ سکيا جي نتيجن ۽ انفراسٽرڪچر جي ترقي کي اوليت ڏين.

بقايا * 21**

ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن، اهلڪارن جي تعريف ڪئي آهي هن اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي فتنه الخوارج جي 13 دهشتگردن جي مارجي وڃڻ تي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشه ورانه صلاحيتن جي تعريف ڪئي. شهباز شريف پنهنجي بيان ۾ چيو ته سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۽ پرياسي ۾ فتنه الخوارج جي ٺڪاڻن کي موثر انداز ۾ نشانو بنايو دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن کي قائم ڪرڻ تائين فتنه الخوارج جي خلاف ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا * 22**

شيخ وقاص اڪرم چيو آهي ته حڪومت مطالبا مڃڻ ۾ سنجيدگي ڏيکاري ته پارٽي ٻيهر ڳالهين جي ميز تي اچي ويندي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ شيخ وقاص اڪرم الزام لڳايو ته ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جي ذميوار پي ٽي آءِ نه پر موجوده حڪومت آهي، جڏهن ته حڪومت جي هوڙ، ضد ۽ انا سبب ڳالهيون ناڪام ٿيون. واضح رهي ته پي ٽي آءِ پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ لانگ مارچ ڪري رهي آهي، گذريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف چيو هو ته ڌرڻن ۽ لانگ مارچ سان ملڪي معيشت متاثر ٿيندي ۽ ملڪ کي نقصان پهچندو وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله اڄ ٻڌايو ته وزيراعظم تحريڪ انصاف کي هڪ ڀيرو ٻيهر سمورا مسئلا ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جي آڇ ڪئي آهي. راڻا ثناءالله کي جواب ڏيندي شيخ وقاص اڪرم چيو ته تحريڪ انصاف ڪڏهن به ڳالهين واري رستي کان پاسو ناهي ڪيو ۽ اڄ به ان جي بنيادي مطالبن ۾ ذاتي ڊاڪٽر جي نگراني ۾ عمران خان جو علاج، ناحق قيد جو خاتمو ۽ عمران خان جي ڀينرن سميت ٻين ماڻهن جي نظربندي ختم ڪرڻ شامل آهي.

بقايا * 23**

اختيار ڪري وئي آهي. انصارالله (حوثي) گروپ سعودي عرب ۽ ڏکڻ يمن ۾ ڪيترائي ميزائل حملا ڪيا آهن، جڏهن ته مختلف محاذن تي زميني ويڙهه پڻ تيز ٿي وئي آهي. سعودي قيادت واري اتحاد موجب رياض جي اتر ۾ حوثين طرفان فائر ڪيل هڪ بيلسٽڪ ميزائل کي فضائي دفاعي نظام رستي ۾ ئي تباهه ڪري ڇڏيو ٻئي طرف عدن جي سلامتي واري اداري جي ميڊيا آفيس جو چوڻ آهي ته حوثين طرفان فائر ڪيل ٻه ميزائل عدن انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي نشانو بڻائڻ لاءِ فائر ڪيا ويا. اختيارين موجب حملي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو اهي حملا اهڙي وقت ٿيا آهن، جڏهن يمن جي مختلف محاذن تي وڏي پيماني تي فوجي ڪارروايون جاري آهن. سعودي عرب جي حمايت يافته حڪومتي فوجون گذريل ڪجهه هفتن کان حوثين جي قبضي هيٺ علائقن، خاص طور تي اولهه واري سامونڊي پٽي ۽ آبنائي باب المندب جي چوڌاري، ٻيهر ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن. سعودي سول ايوي ايشن اٿارٽي موجب يمني سرحد جي ويجهو جازان ۽ نجران جي هوائي اڏن تي ٿيل حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ڄڻا زخمي ٿيا. جيتوڻيڪ سعودي اختيارين رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي نشانو بڻائڻ جي باضابطه تصديق ناهي ڪئي، پر فضائي ٽريفڪ جي نگراني ڪندڙ ويب سائيٽ فلائيٽ ريڊار24 موجب ان دوران ايئرپورٽ جي فضائي حدن ۾ بار بار عارضي بندش ڏني وئي. جنگي ڌرين جا الزام ان دوران باب المندب جي ويجهو ويڙهه جي هڪ وڊيو سامهون اچڻ کان پوءِ تڪرار وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويو آهي. خبرون ڏيندڙ اداري رائٽرز موجب وڊيو جي تصديق ٿي چڪي آهي. وڊيو ۾ بڪتربند گاڏين کي اهڙن ماڻهن ڏانهن وڌندي ڏسي سگهجي ٿو جن مان ڪجهه هٿياربند ۽ ڪجهه بظاهر غير هٿياربند نظر اچن ٿا. ڪجهه ماڻهو هٿ مٿي ڪنيل حالت ۾، ويٺل يا زمين تي ليٽيل پڻ نظر اچن ٿا. حوثين هن واقعي کي جنگي ڏوهه قرار ڏيندي حڪومتي فوجن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. انهن جو چوڻ آهي ته هي وڊيو سندن مخالفن جي "حقيقي نوعيت" کي واضح ڪري ٿي. بهرحال، باب المندب جي محاذ تي سرگرم جائنٽس برگيڊز جي ترجمان چيو آهي ته واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي. سندس مطابق فوجن کي اطلاع مليو هو ته حوثي ويڙهاڪ هٿيار ڦٽا ڪري رهيا آهن، پر پوءِ ڪجهه ماڻهن حڪومتي اهلڪارن تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. سعودي قيادت واري اتحاد وڊيو کي لڳايل الزامن تي فوري طور ڪو تبصرو نه ڪيو البته هوم لينڊ شيلڊ فورسز پنهنجي اهلڪارن کي هدايت ڪئي آهي ته قيدين سان انساني، اخلاقي ۽ قانوني اصولن مطابق ورتاءُ ڪيو وڃي. باب المندب جي چوڌاري شديد ويڙهه دنيا جي اهم ترين سامونڊي گذرگاهن ۾ شمار ٿيندڙ آبنائي باب المندب جي چوڌاري ويڙهه به دستور جاري آهي. حڪومتي فوجن جو دعويٰ آهي ته انهن گذريل مهيني حوثين جي قبضي هيٺ ڪيترن ئي علائقن تي ٻيهر ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي. سومر جي رات فوجن ڪيترن ئي محاذن تي ڪاميابين جو اعلان ڪندي چيو ته تعز صوبي جي مختلف علائقن مان حوثين کي پوئتي ڌڪي ويو آهي. جڏهن ته مارب صوبي جي ڏاکڻين علائقن ۾ پڻ اڳڀرائي ٿي آهي. پاڪستان جي حڪومت جي وضاحت اطلاعات واري کاتي 3 آڪٽوبر تي رائٽرز جي ان خبر جي ترديد ڪئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته 30 کان 40 هزار پاڪستاني فوجي سعودي عرب ۾ يمن جي جنگ لاءِ تعينات ڪيا ويا آهن. اطلاعات کاتي موجب پاڪستان سعودي عرب جي مڪمل حمايت ڪري ٿو مڪي ۽ مديني جي تحفظ کي پنهنجي ذميواري سمجهي ٿو پر آپريشنل تفصيل ڳجها آهن. ان ڪري ان بابت افواهن کان پاسو ڪيو وڃي. يمن خلاف جنگ ترڪي جي جنگ ناهي بي بي سي جي رپورٽ موجب ترڪي ۾ اهو بحث شروع ٿي ويو آهي ته يمن خلاف سعودي عرب ۽ ان جي اتحادين جي جنگ ترڪيه جي جنگ ناهي. ترڪيه حڪومت جي حامي ميڊيا جو چوڻ آهي ته سعودي عرب کي فوجي امداد ته فراهم ڪري سگهجي ٿي پر ترڪ فوجي دستا تعينات نه ڪيا ويندا، ڇو ته ان لاءِ ترڪيه جي پارليامينٽ جي منظوري گهرجي. اهو بحث اهڙي وقت تي رهيو آهي جڏهن 5 آڪٽوبر تي رياض ۾ گهرايل مڪا اتحاد تي عمل ڪرائڻ لاءِ گهرايل ايمرجنسي اجلاس جي جاري ڪيل اعلان ۾ چيو ويو هو ته سعودي عرب جي دفاع لاءِ ٻڌل آهيون پر گڏيل فوج جي تعيناتي هر ملڪ جي قانون موجب ٿيندي.

بقايا * 24**

ي ختم نه ٿيندو لانگ مارچ ختم ڪرڻ جي چاٻي اڊيالا جيل ۾ بند عمران خان وٽ آهي. وزيراعظم ميڊيا تي ڳالهين جي راند نه ڪيڏي. جيڪڏهن اختيار آهن ته اسان جا جائز مطالبا مڃيا وڃن. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته عمران خان سان ملاقاتن تي پابندي ختم ٿئي. انهي کي اسپتال منتقل ڪيو وڃي ۽ انهي جا ڪيس ٻڌا وڃن عمران خان جي ڀينرن سميت جيترين به عورتون گرفتار آهن انهن کي آزاد ڪيو وڃي. هن چيو ته سهيل آفريدي جي خلاف جيڪا منفي پروپيگنڊا هلي رهي آهي اها انتهائي افسوسناڪ ۽ ڳڻتي جوڳي آهي. دهشتگردي مينڊيٽ ڪرڻ سان ختم نه ٿيندي. دهشتگردي ختم ڪرڻ جي لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرن سان گڏ ويهڻو پوندو اڄ به دعوت ڏيون ٿا ته دهشتگردي ختم ڪرڻي آهي ته وفاقي حڪومت صوبائي حڪومت سان گڏجي سمورن اسٽيڪ هولڊرن کي ويهاري ۽ مسئلي جو حل ڪڍي. شوڪت يوسفزئي چيو ته جيڪڏهن سهيل آفريدي کي غير جمهوري طريقي سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته قبائل اندر ڳڻتي جي لهر پکڙجي ويندي جيڪا ڪنهن به صورت ملڪي مفاد ۾ نه هوندي ۽ نه آهي انهي سان دهشتگردي ۾ گهٽتائي نه ايندي. شوڪت يوسفزئي چيو ته خيبرپختونخواهه جي گورنر ڪهڙي حيثيت ۾ آئي جي پوليس ۽ چيف سيڪريٽري کي طلب ڪيو ۽ اجلاس ڪيو 18هين ترميم کان پوءِ ته گورنر وٽ اخروٽ ڀڃڻ جو به اختيار نه آهي.

بقايا * 25**

امتياز (ملٽري) پرڏيهي وزارت ۾ ملاقات ڪئي. اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جنرل سيد عامر رضا کي ترقي ۽ ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جون ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس نئين ذميوارين ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ قومي سلامتي سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي. هن پاڪستان جي قومي مفادن جي فروغ ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي جي لاءِ ادارا جاتي سطح تي ويجهي رابطي ۽ گڏيل تعاون جي اهميت تي اتفاق ڪيو.

بقايا * 26**

ن مان هڪ ٻيو اوڀر پاڪستان ٺاهڻ جي ڪوشش نظر اچي رهي آهي. صوبائي ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي سهيل آفريدي چيو ته گورنر طرفان گذريل ڏينهن ڪيل ڊرامو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي. هن چيو ته خيبرپختونخوا ۾ عوام جي به پاڱي تي ٻه اڪثريت سان چونڊيل حڪومت موجود آهي. جڏهن ته صوبائي اسيمبلي، ڪابينا ۽ حڪومت مڪمل طور فعال ۽ برقرار آهن. هن چيو ته گورنر چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي کي گهرائي رهيو آهي ۽ غير آئيني اجلاس ڪري رهيو آهي. گورنر جو اهڙي قسم جي اجلاس جي صدارت ڪرڻ آئين ۽ جمهوريت تي حملو آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ماضيءَ ۾ به غلط ڪردار ادا ڪري چڪي آهي، جڏهن ته موجوده قدمن مان هڪ ٻيو اوڀر پاڪستان ٺاهڻ جي ڪوشش نظر اچي رهي آهي. وڏي وزير چيو ته ڪنهن کي به جمهوريت تي شب خون هڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين، گورنر غير آئيني ڪم ڪيو آهي. جمهوريت جو نعرو هڻندڙ جماعت ماضي ۾ ذاتي مفادن لاءِ بنگلاديش کي پاڪستان کان الڳ ڪيو. ذاتي مفادن کي قومي مفادن تي ترجيح ڏيڻ پيپلز پارٽي جو طريقو رهيو آهي. جڏهن ته گورنر جي غير آئيني سرگرمين جو مقصد صوبائي حڪومت کي چڙ ڏيارڻ ۽ ردعمل ڏيڻ تي مجبور ڪرڻ آهي. خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال بابت ڳالهائيندي سهيل آفريدي دعويٰ ڪئي ته خيبرپختونخوا پوليس وٽ پاڪستان جي ڪنهن به ٻي پوليس جي ڀيٽ ۾ جديد ترين هٿيار ۽ اوزار موجود آهن. هن چيو ته خيبرپختونخوا پوليس، دهشتگردي توڙ کاتي (سي ٽي ڊي) ۽ اسپيشل برانچ جي صلاحيت ۾ مسلسل واڌارو ڪيو پيو وڃي. سهيل آفريدي دعويٰ ڪئي ته گذريل 22 سالن دوران 14 هزار انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز ۽ 22 وڏين فوجي ڪارروائين باوجود مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي، جنهن مان موجوده پاليسين جي ناڪامي ظاهر ٿئي ٿي. هن اِها به دعويٰ ڪئي ته جيڪڏهن صوبي جي اسٽيڪ هولڊرز جي تجويزن موجب پاليسي اختيار ڪئي وڃي ته 100 ڏينهن اندر امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي سگهجي ٿي. وڏي وزير قبائلي ضلعن جي ضم ٿيڻ ۽ مالي وسيلن جي حوالي سان وفاقي حڪومت تي پڻ تنقيد ڪئي. هن الزام لڳايو ته 2018ع ۾ انضمام باوجود قبائلي ضلعن کي طئي ٿيل مالي حق نه ملي سگهيا، جڏهن ته انتهاپسندي ۽ فوجي ڪارروائين کان متاثر ماڻهن جي معاوضن جي مد ۾ اربين روپيا اڃا تائين واجب الادا آهن. هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت بي گهر ماڻهن ۽ متاثرن جي مدد لاءِ پنهنجا وسيلا ڪتب آڻي رهي آهي ۽ حڪومت سنڀالڻ ڪانپوءِ هينئر تائين ان مقصد لاءِ 21 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن.

بقايا * 27**

خان جي سربراهي ۾ جسٽس عقيل احمد عباسي ۽ جسٽس شڪيل احمد تي ٻڌل 3 رڪني بينچ نظرثاني درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران سنڌ حڪومت طرفان ايڊيشنل پراسيڪيوٽر جنرل سليم اختر دليل ڏنا. عدالت ٻڌڻي مڪمل ڪرڻ بعد بلديه ٽائون سانحي ۾ جوابدارن جي بريت خلاف سنڌ حڪومت جون نظرثاني درخواستون خارج ڪري ڇڏيون، جڏهن ته ايم ڪيو ايم طرفان عدالتي ريمارڪس ختم ڪرڻ لاءِ داخل درخواست پڻ خارج ڪئي وئي.

بقايا * 28**

ڪي نائب صدر جي ڊي وينس روئٽرز کي انٽرويو ۾ چيو ته جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ايران کي پنهنجي ايٽمي افزودگيءَ جي صلاحيت گهٽائڻي پوندي. هن چيو ته اهو واضح ناهي ته ايران ۾ فيصلا آخر ڪهڙي طريقي سان ڪيا وڃن ٿا. جي ڊي وينس چيو ته مستقبل ۾ ايٽمي سرگرمين ۾ گهٽتائي جي رڳو خاطري ڪافي نه هوندي. جيڪڏهن ايران ايٽمي هٿيار نٿو چاهي ته پوءِ کيس 60 سيڪڙو تائين افزود تيل بارڻ جي ضرورت ڇو آهي؟ هن چيو ته جيڪڏهن ايران اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو ته هو ايٽمي هٿيار نه ٺاهيندو ته پوءِ کيس انتهائي افزود تيل بارڻ تيار نه ڪرڻ گهرجي. آمريڪي نائب صدر چيو ته آمريڪا اڃا تائين ايران سان معاهدي لاءِ تيار آهي، پر ايران کي پنهنجي ايٽمي پروگرام بابت لچڪ ڏيکارڻي پوندي. سندس چوڻ هو ته واشنگٽن کي اها خبر ناهي ته تهران ۾ فيصلا ڪرڻ جو اختيار اصل ۾ ڪنهن وٽ آهي. آمريڪا ايراني صدر ۽ پرڏيهي وزير سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي، پر اهو واضح ناهي ته ايران جي طاقت جي ڍانچي ۾ انهن ٻنهي وٽ ڪيترا اختيار آهن. ايران جي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي مارجڻ کان پوءِ اها صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي وئي آهي. آمريڪي نائب صدر چيو ته هن جنگ جي ميدان جي صورتحال بابت فيلڊ ڪمانڊرن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ۽ ايران خلاف جنگ ۾ هٿيارن جي کوٽ کي منهن نه پيو ڏنو وڃي. هن چيو ته ايران وقت بوقت واپاري جهازن کي آبنائي هرمز ۾ نشانو بڻائي رهيو آهي، پر ايران هرمز ذريعي توانائي جي برآمدات روڪڻ ۾ وڏي حد تائين ناڪام رهيو آهي. ان کان علاوه، سندس چوڻ هو ته هو اڃا تائين اهو فيصلو نه ڪري سگهيو آهي ته ايندڙ صدارتي چونڊ وڙهندو يا نه.

بقايا * 29**

ڳالهين جو ڪامياب ٿيڻ تمام گهڻو ضروري آهي. گورنر راڄ يا ايمرجنسي نه لڳڻ گهرجي، صوبو دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي، پي ٽي آءِ باني سان ملاقاتن سميت گرفتار اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي. باني پي ٽي آءِ جي علاج لاءِ ڊاڪٽر لندن کان ناهي گهرايو ويو اهو لاهور ۾ به هوندو آهي. بيرسٽر گوهر جو چوڻ هو ته وزيراعظم ڳالهين جي مشروط آڇ ڪئي آهي، حڪومت اسان تي پابنديون لڳائي رهي آهي، اسان سياسي ماڻهو آهيون. سياسي ماڻهو غير مشروط تي ويهندا آهن. ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو پر ڳالهيون غير مشروط ٿيڻ گهرجن. هن جو چوڻ هو ته حڪومت ٻاهر نڪري اندر واريون شيون سامهون آنديون. هنن جيترو وقت پريس ڪانفرنسز تي لڳايو جيڪڏهن ايترو وقت ڳالهين تي لڳايو وڃي ها ته مسئلو حل ٿي وڃي ها، حڪومتي ميمبرن سان رابطو آهن. ڪوشش آهي ته مسئلن جو حل ڳالهين ذريعي ڪڍيو وڃي. پي ٽي آءِ چيئرمين جو چوڻ هو ته محسن نقوي سان رات ڪا به ملاقات ناهي ٿي، علامه ناصر عباس سان رات جو ملاقات لاءِ آيو هئس جنهن ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس تي مشاورت ڪئي، علامه راجا عباس صحيح چيو هو ته ڳالهيون مشروط نه ٿيون آهن. اسان ڳالهين تي واضح ڪيو هو ته انهي سان مسئلا حل نه ٿيندا.

بقايا * 30**

پاڪستان فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل پڌرنامي موجب، ملاقات دوران گڏيل دلچسپي وارن معاملن، خطي جي موجودا سيڪيورٽي صورتحال ۽ عالمي امن ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ ۾ گڏيل قومن جي ڪردار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته انتونيو گوتريس علائقائي تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي ڪوششن کي خاص طور ساراهيو آءِ ايس پي آر موجب، ٻنهي اڳواڻن علائقائي استحڪام، والاريل جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار، ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل رکڻ ۽ افغانستان مان جنم وٺندڙ انتهاپسندي سميت مختلف معاملن تي خيالن جو اظهار ڪيو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته فيلڊ مارشل عاصم منير عالمي امن لاءِ پاڪستان جو عزم ورجائيندي گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ ملڪ جي خدمتن کي اجاگر ڪيو پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتهاپسندي خلاف جنگ ۽ گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان ۽ ان جي هٿياربند فوجن جي قربانين ۽ خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي.

بقايا * 31**

جي رڪنيت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. اسلام آباد مان ذريعن جو چوڻ آهي ته جوڊيشل ڪميشن جي ٻن ميمبرن جي نامزدگي سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي مان جلد ڪئي ويندي. ذريعن موجب مسلم ليگ ن طرفان سينيٽ مان جوڊيشل ڪميشن لاءِ هڪ ميمبر نامزد ڪيو ويندو جڏهن ته قومي اسيمبلي مان پاڪستان پيپلز پارٽي جي ميمبر کي جوڊيشل ڪميشن جو رڪن نامزد ڪيو ويندو ذريعن جو چوڻ آهي ته جوڊيشل ڪميشن جي موجوده ميمبرن جي مقرري کي 2 سال مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ ميمبرن جون نيون نامزدگيون معمول جي ڪارروائي جو حصو آهن. هوڏانهن پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي سينيٽر فاروق ايڇ نائڪ به جوڊيشل ڪميشن آف پاڪستان جي رڪنيت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. فاروق ايڇ نائڪ جو چوڻ آهي ته هن جوڊيشل ڪميشن تان استعيفيٰ ذاتي سببن جي بنياد تي ڏنو آهي، جڏهن ته استعيفيٰ ڪميشن جي چيئرمين ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي. جوڊيشل ڪميشن آف پاڪستان اعلى عدليه جي ججن جي مقرري لاءِ فورم آهي، جڏهن ته فاروق ايڇ نائڪ ڪميشن ۾ پيپلز پارٽي طرفان ميمبر مقرر هو.

بقايا * 32**

ته جوابي فائرنگ بعد حملو ڪندڙ فرار ٿي ويا. ڊي پي او مظهر اقبال موجب پوليس اهلڪارن دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو زخمي اهلڪارن کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته فرار ٿيل دهشتگردن جي ڳولا لاءِ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا * 33**

جي زرعي ڪمپني شيلڪووو ايگرو ڪم جي وفد ملاقات ڪئي ۽ پاڪستان ۽ روس وچ ۾ زرعي تحقيق، ٻج، زرعي دوائن ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ تعاون وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير راڻا تنوير حسين چيو ته پاڪستان روس سان زرعي شعبي ۾ ٽيڪنالاجي منتقلي ۽ تحقيق تي ٻڌل حصيداري جو خواهشمند آهي. روس زرعي ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعات کي پاڪستان جي مقامي موسمي ۽ زرعي حالتن ۾ آزمائڻ ضروري آهي. هن چيو ته موسمياتي تبديلي جي وڌندڙ اثرن کي نظر ۾ رکندي ڪلائميٽ ريزيلينٽ زرعي ٽيڪنالاجيز پاڪستان جي اهم ضرورت آهن. پاڪستان وڌيڪ پيداوار، سوڪهڙي ۽ بيمارين خلاف مزاحمت رکندڙ ٻج جي قسمن کي وڌائڻ چاهي ٿو هن چيو ته روس سان ٻجن جو تعاون رڳو امپورٽ ڪرڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي، مقامي پيداوار ۽ ٽيڪنالاجي ٽرانسفر کي هٿي ڏيڻو پوندو هن چيو ته پاڪستان جي زرعي تحقيقاتي اداري پي اي آر سي ۽ اين اي آر سي روسي زرعي ٽيڪنالاجين، ٻجن ۽ زرعي دوائن جي سائنسي جاچ لاءِ اهم پليٽ فارم فراهم ڪندا. هن چيو ته ڪڻڪ جي پوکي جي مند کي نظر ۾ رکندي روس جي ٻجن جي فوري آزمائشي تجربن جي امڪانن جو جائزو ورتو ويندو ان موقعي تي هائبرڊ ڪڻڪ سميت جديد روسي سيڊ ٽيڪنالاجيز ۾ تعاون جا امڪان به غور هيٺ آيا. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته روس سان مائيڪرو نيوٽرينٽس ۽ جديد فرٽيلائيزر ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جا وسيع امڪان موجود آهن. هن چيو ته فاسفورس ۽ ڊي اي پي ڀاڻ تي گهٽ ڀاڙڻ لاءِ متبادل غذائي ٽيڪنالاجيز جو جائزو وٺي سگهجي ٿو پاڪستان روس جي ڪمپنين کي مقامي ڪاروباري حصيدارن سان بي ٽو بي رابطن ۾ سهولت فراهم ڪندي. هن چيو ته پاڪستان روس جي زرعي ڪمپنين جي سيڙپڪاري، مقامي حصيداري ۽ ٽيڪنالاجي ٽرانسفر جي آجيان ڪندو.

بقايا * 34**

ڪيشن موجب سپريم ڪورٽ مان ڊيپوٽيشن ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سول جج مسلسل غير حاضر رهي. نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سول جج کي وضاحت جو موقعو ڏنو ويو پر هن شوڪاز نوٽيس جو جواب پڻ نه ڏنو.

بقايا * 35**

ن خلاف ڪارروايون جاري آهن. اتر وزيرستان ۽ پرياسي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران 13 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي پڻ نشانو بڻايو ويو. ذريعن موجب فورسز دهشتگردن جي چرپر تي مسلسل نظر رکڻ بعد فيصلائتي ڪارروائي ڪئي. هوڏانهن بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت مستونگ جي علائقن سپاپشت ۽ ڪلي گشتري ۾ به ڪارروائي ڪئي وئي، جنهن دوران وڌيڪ 5 دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب ڪارروائي دوران مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو سيڪيورٽي فورسز طرفان علائقي ۾ ممڪن دهشتگردن جي ڳولا ۽ خاتمي لاءِ ڪليئرنس ۽ سرچ آپريشن جاري آهي، جڏهن ته دهشتگردن جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکڻ جو چيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

قريبن 14 کان 15 ڳوٺن تائين خراب آهي ڳو گل محمد مشوري، محمد سليمان مشوري، جام ڏونگهه، گهريو قابلو مستوئي، سومرخان شينو، استاد پنهل خان مستوئي، سيد چٽن شاهه، الا بخش چانڊيو، سومر خان چانڊيو، محمد چٽل شينو، امير بخش مستوئي ۽ منظور علي مستوئي سميت ڪيترائي ڳوٺ ڳنڍيل آهن. علائقي واسين ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو صاحب ۽ لاڳاپيل اختيارين کان پُرزور مطالبو ڪيو آهي ته روڊ جو فوري نوٽيس وٺي، مرمت ۽ تعمير جو ڪم ڪرايو وڃي، جيئن هزارين ڳوٺاڻن جي اچ وڃ جو مسئلو حل ٿي سگهي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستو انتهائي خراب آهي، جڏهن ته مورين جون ناليون به ٽٽل آهن، جنهن سبب روزانو ايندڙ ويندڙ هزارين ماڻهن کي سخت تڪليف پيش اچي رهي آهي. گاڏين جي اچ وڃ به ڏکي ٿي وئي آهي، خاص طور تي اسڪولن جا شاگرد ۽ مريضن کي اسپتال وٺي وڃڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي

بقايا عوامي سوچ 02

ورتو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊپٽي ڪمشنر بدين کي اطلاعات کاتي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي اطلاعات آفيس بدين حڪومت سنڌ، ضلعي انتظاميه ۽ مختلف سرڪاري ادارن جي عوام دوست منصوبن، ترقياتي ڪمن، فلاحي پروگرامن، صحت، تعليم، زراعت، پوليو، ماحوليات، ڊجيٽل گورننس ۽ ٻين عوامي ڀلائي وارن قدمن کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ذريعي مؤثر نموني اجاگر ڪري رهي آهي بريفنگ دوران اهو پڻ ٻڌايو ويو ته ضلعي اطلاعات آفيس بدين سرڪاري ميڊيا ڪوريج ۾ انتهائي اهم ۽ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي. آفيس ضلعي سطح تي ٿيندڙ اهم سرڪاري گڏجاڻين، تقريبون، عوامي ڀلائي جي مهمن، هنگامي صورتحال بابت آگاهي مهمن ۽ حڪومتي پاليسين کي بروقت ميڊيا تائين پهچائي عوام کي مستند ۽ صحيح معلومات فراهم ڪري ٿي. ان سان گڏوگڏ سوشل ميڊيا پليٽ فارمن تي ضلعي انتظاميه ۽ حڪومت سنڌ جي ڪارڪردگي کي نمايان ڪرڻ لاءِ جديد مواصلاتي ذريعن جو ڀرپور استعمال ڪيو پيو وڃي، جنهن سان عوام ۽ سرڪاري ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو آهي بعد ۾ هن ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ٻين برانچن جو پڻ تفصيلي دورو ڪيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دليپ ۽ ڊي ايس پي علي نواز قائم خاني ساڻس گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 03

ويو. اطلاعن موجب نوجوان رڪشا ۾ سوار هو، روڊ تي چپل ڪري پيءِ ي پنهنجي چپل کڻڻ لاءِ رڪشا مان لٿو ته پويان کان ايندڙ ترڪ ڪيس چيپاٽي ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. حادثي ڪانپوءِ نوجوان جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ويو. ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 04

ي چيو هو ته سندن سوزوڪي گاڏي جي اوريجنل ڪاغذن جو فائل سندن برادري جي غلام عباس سومرو پنهنجي ساٿين جي مدد سان بگهاڙ موري جي رهواسي نيڪ محمد پناڻ وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي، جيڪو ڪين ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چيو ته گذريل رات غلام عباس سومرو پنهنجي گهر ايندي موٽر سائيڪل تان نشي جي حالت ۾ ڪري سخت زخمي ٿي پيو آهي. هنن چيو ته ڪين خدشو آهي ته ڪٿي غلام عباس سومرو سندن گاڏي جا ڪاغذ. اوريجنل فائل ڦٻائڻ لاءِ پاڻ کي موٽر سائيڪل تان ڪيرائي زخمي ڪرڻ جو ناٽڪ ڪري ڪٿي اسانکي نه ان ٿيل هترادو ايڪسيڊنٽ ۾ ڦاسائي پريشان نه ڪري ڇڏي. تنوير حسين سومرو ۽ طهمير حسين سومرو وڌيڪ چيو ته اسان پنهنجي سوزوڪي وڪرو ڪري ڇڏي آهي، جنهن گاڏي جا اوريجنل ڪاغذ سوزوڪي خريد ڪندڙ مالڪ گهري پيو پر اسانکي غلام عباس سومرو گاڏي جا اصلي ڪاغذ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، ويتر اسانکي پريشان ڪيو پيو وڃي. هنن ايس ايس پي ٺٽو، ڊي سي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري ڪين پنهنجي گاڏي جا مڪمل ڪاغذ مهيا ڪري سندن زبرستي گاڏي جا ڪاغذ رکي مبينا طور سندن سوزوڪي کي وڪرو ڪندڙن توڙي ڪين پريشان ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري غلام عباس سومرو پاران اسانجي گاڏي جا ڪاغذ يا فائل هضم ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪوبه هترادو ناٽڪ ڪري پاڻ کي موٽر سائيڪل تان ڪيرائي زخمي ڪرڻ جو ڪوبه بهانو ڪري ته ان کي غلط تسليم ڪري اسان سان وهوار ۽ انصاف ڪيو وڃي. جيئن اسان وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهون.

بقايا عوامي سوچ 05

ي قيمتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو اهي ته تيل جون قيمتون وڌڻ ڪري مهنگائي ۾ حد کان وڌيڪ اضافو ٿيڻ ڪري غريب طبقو سخت پريشان آهي. جيڪو هڪ ويلي ماني ڳيي لاءِ به سخت پريشان آهي. پر سرڪار مهنگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ توڙي عريب ٿوام کي رليف مهيا ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي، جنهن ڪري غريب ماڻهون غربت توڙي مهنگائي سبب خودڪشون ڪرڻ توڙي ٻچا وڪڻڻ تي مجبور بڻيل آهن. هنن اهي ڳالهيون بروهي هائوس ٺٽي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيون. ٽرانسپورٽ ضلعي ٺٽي جي صدر جيئو بروهي سروس ضلعي ٺٽي جي آرگنائيزر شاهجهان بروهي ۽ سندس ڀاءُ رئيس شاهنواز بروهي وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت، تاريخ ۽ سلامتيءَ خلاف هميشه سازشون ٿينديون رهيون آهن. جن جو مقصد نون صوبن يا انتظامي تبديلين

جي آڙ ۾ اسان جي هزارين سالن جي تاريخي ڌرتيءَ کي تقسيم ڪرڻ جون سازشون ڪيو پيون وڃن. هنن چيو ته سنڌ صرف زمين جو هڪ ٽڪرو ناهي، پر اها اسان جي سڃاڻپ، ثقافت ۽ قومي وجود جو حصو آهي، سنڌ هڪ هئي، سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ هميشه هڪ رهندي، ان کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي. چاڪاڻ جو سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي. سنڌ اسان جي سڃاڻپ، ثقافت ۽ هزارين سالن جي تاريخ جو نالو آهي. سنڌ جي وحدت تي ڪوبه سودو قبول نه ڪنداسين. سنڌ کي ورهائڻ جون ڪوششون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿينديون. چو ته سنڌ ڌرتي پنهنجي ماڻهن جي دلين ۾ هميشه زنده آهي ۽ زند رهندي. هنن گهر ڪئي ته مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف مهيا ڪري تيل جون قيمتون گهٽائي سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشون ختم ڪري ضلعي ٺٽي جي عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري پڙهيل نوجوانن کي روزگار مهيا ڪري غربت جو خاتمو آندو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

، پروگرام مطابق آچر جي شام 7 بجي درگاهه شريف جو سجاده نشين مزار شريف تي گلن جي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو افتتاح ڪندا. رات جو عام لنگر بعد عارفانه ڪلام جي سڄي رات محفل ٿيندي جنهن ۾ سنڌ جا مشهور ويراڳي فقير حصو وٺندا. سومر جي ڏينهن صبح جو 11 بجي دعا خير ٿيندي ۽ بعد ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويندو. اهڙي پڌرائي يادگار ڪاميٽي درگاهه مسڻ شريف ٺٽو پاران ڪئي وئي اهي. جن پاران سمورن حق جي پانڌيئڙن، پيار وارن، عقيدتمندن، طالبن، مريدن کي عرس مبارڪ ۾ شرڪت جو سڏ ڏنو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 07

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 1380 پڙيون گٽڪا ماوا، 2090 گرام چرس، 84 بيگ ديسي شراب ۽ 2 پسٽل هٿ ڪيا ويا. ايس ايچ او ٽاٽو ڪينجهر انسپيڪٽر زاهد حسين شيخ عملي سان گڏ درگاهه قريشي بابا لنڪ روڊ ۽ پراڻي چليا پرسان ڪامياب ڪارروائي ڪندي اصغر عرف اڇڪو ولد دوست محمد شورو ۽ محمد علي عرف ٻالڪو ولد مامون ملاح کي گرفتار ڪيو. جوابدارن جي قبضي مان مجموعي طور 2090 گرام چرس هٿ ڪئي وئي. ان کان علاوه نيشنل هاءِ وي روڊ، برڙي چاڙهي پرسان ڪارروائي ڪندي ظفر ولد مير محمد عرف ميرا شورو کي هڪ پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو ٻئي طرف ٺٽو، مڪلي، گهارو، ساڪرو ۽ گهوڙاٻاري ٿاڻن جي پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي 7 گٽڪا فروشن کي گرفتار ڪيو. گرفتار جوابدارن ۾ طفيل ولد عبدالله رانوڙ، منظور حسين ولد محمد حسن سونپار، پرويز عرف جاني ولد محمد جمن جوکيو، اياز ولد ممتاز جاڪرو، عمران علي ولد محمد عرس بشير، جمشيد ميمڻ ۽ نياز ميمڻ شامل آهن. انهن جي قبضي مان مجموعي طور 1380 پڙيون گٽڪا ماوا هٿ ڪيو ويو. ساڳئي دوران پوليس 3 منشيات فروشن محمد عثمان عرف عوسو ولد محمد سليمان ڪنيار، محمد دانش ولد شڪيل احمد آرائين ۽ حاجي ولد باقر ملاح کي گرفتار ڪري، سندن قبضي مان 84 بيگ ديسي شراب هٿ ڪئي. وڌيڪ ڪارروائي دوران خير علي ولد گلو گندرو کي هڪ پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو. گرفتار سمورن جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، نارڪوٽڪس ايڪٽ، منشيات آرڊيننس ۽ آرمز ايڪٽ تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 08

ون عمران الحق جي صدارت هيٺ دربار هال مڪلي ۾ ايندڙ 2 نومبر 2026 ع کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي تيارين ۽ گذريل مهم جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق چيو ته پوليو مهم دوران ٽرانسپورٽ سميت ٻين درپيش چئلينجز کي بروقت حل ڪرڻو پوندو، جڏهن ته مائڪرو پلان کي وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتو بڻايو وڃي. هن هدايت ڪئي ته مائڪرو پلان، ويڪسين جي اسٽاڪ ۽ ٻين اهم معاملن بابت پوليو ٽيمن ۽ لاڳاپيل عملي کي مؤثر تربيت فراهم ڪئي وڃي. هن چيو ته پوليو مهم دوران ريفيُوزلز (انڪار ڪندڙ خاندانن) کي هر صورت ۾ ڪوريج ڏني وڃي ۽ يو سي ايم اوز جي پڻ مناسب تربيت کي يقيني بڻايو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ٻارن جي فنگر مارڪنگ هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي. جڏهن ته گذريل مهم دوران سامهون آيل خامين ۽ کوٽ کي دور ڪيو وڃي. عمران الحق چيو ته سمورا لاڳاپيل ادارا، جن ۾ اين جي اوز پڻ شامل آهن. پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪن ۽ تربيت جي معيار کي بهتر بڻايو وڃي ته جيئن ان جا مثبت اثر هيٺين سطح تائين نظر اچن. هن هدايت ڪئي ته تربيت مقرر ڪيل پلان تحت ڪئي وڃي ۽ تربيت دوران فيلڊ وزٽ پڻ ڪيا وڃن. هن چيو ته پوليو مهم لاءِ مڪمل چين آف ڪمانڊ ۽ رابطي جو نظام مؤثر هجڻ گهرجي ۽ مهم جي شروعات کان اڳ سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن. هن چيو ته پوليو ايريڊيڪيشن ڪميٽي پنهنجو جامع پلان تيار ڪري ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن جون ذميواريون واضح ڪيون وڃن. ته جيئن مهم دوران انهن کان مؤثر انداز ۾ سهڪار حاصل ڪري سگهجي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته اسڪولن ۾ شاگردن کي هر صورت ۾ پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وڃن ۽ جيڪڏهن ڪو اسڪول سهڪار نه ڪري ته انتظاميه ۽ لاڳاپيل آفيسر مؤثر رابطي ذريعي ڪين اعتماد ۾ وٺن. هن ڪميونيڪيشن تي خاص ڌيان ڏيڻ ۽ ڪميونيڪيشن گيپ ختم ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ضلعي انتظاميه پوليو مهم بابت سمورن مسئلن جي حل ۽ ڀرپور سهڪار کي يقيني بڻائيندي. هن اميد ظاهر ڪئي ته سمورن ادارن ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي گڏيل سهڪار سان ايندڙ پوليو مهم کي سئو سيڪڙو ڪامياب بڻايو ويندو. ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر حسن نثار مهر اجلاس کي گذريل پوليو مهم جي ڪارڪردگي، ايندڙ مهم جي انتظامن، درپيش مسئلن ۽ ٻين معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته ايندڙ پوليو مهم دوران ضلعي ٺٽي ۾ 2لک 13 هزار 312 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ صحت، تعليم، روينيو، پوليس، لوڪل گورنمينٽ، سوشل ويلفيئر، پي پي ايڇ آءِ، مرف، مختلف اين جي اوز جي نمائندن ۽ ٻين لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 09

ڪول انتظاميا ۽ استادن کان اسڪول کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي ۽ مسئلا جلد حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي هن لاڳاپيل اختيارين کي اسڪول ۾ گهربل سهولتن جي فراهمي ۽ مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري حضور بخش خاصخيلي اسڪول جي هيڊ ماسٽر پرنسپال سر محمد عثمان شيخ صاحب کي اسڪول جي بهتري ڪرگيري تي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا مبارڪون ڏنيون هن وڌيڪ چيو ته تعلقي گهوڙاٻاري ۾ واحد اسڪول ورشهر آهي جتي استادن جي وڏي محنت آهي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ورجي مسئلن جو جلد جائزو وٺي، انهن جي حل لاءِ ضروري ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي ته جيئن شاگرديائين کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 10

مهمان نوازي طور برادريءَ جي معزز شخصيت ۽ يوسي عرضي هڪڙا جي چيئرمين وڏيرو غلام محمد هڪڙا پاران هڪ پُرتڪلف دعوت جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ جهولي لال پريس ڪلب اڏيرولال جي صحافين ۽ ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي دعوت ۾ صحافي گل محمد هنگورو، سردار نور حسن هڪڙو، عبدالرزاق ميرجت، جنيد راجپوت، ثاقب نور ساهووال، فراز ساهووال، مير منور علي هنگورو ۽ ٻين صحافي دوستن شرڪت ڪئي ان موقعي تي وڏيرو غلام محمد هڪڙا، پاران جهولي لال پريس ڪلب جي صحافين کي روايتي سنڌي انداز ۾ لونگيون پارائي، اجرڪ اوڍائي ۽ مانُ مجتا ڏني وئي، جڏهن ته صحافين پاران به ميزبان وڏيري غلام محمد هڪڙا جي محبت، مهمان نوازي ۽ عزت افزائي تي ٿورا مڃيا ويا. تقريب دوران صحافين ۽ معزز شخصيتن وچ ۾ علائقي جي مختلف معاملن، عوامي مسئلن ۽ صحافت جي حوالي سان اهم خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته اهڙيون محبت ڀريون گڏجاڻيون صحافين ۽ علائقي جي معزز شخصيتن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ سان گڏ هڪ ٻئي سان سهڪار ۽ ڀائپي جي جذبي کي هٿي ڏين ٿيون. جهولي لال پريس ڪلب اڏيرولال ايٽ اسٽيشن. جي سڀ پاران وڏيري غلام محمد هڪڙا، پاران ڪيل دعوت ۽ صحافين جي عزت افزائي تي دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 11

وئي... اهم اڳواڻن جي شرڪت تفصيل موجب: سنڌ ۾ انساني حقن جي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن (رجسٽرڊ) جي 10 سالا سفر جي تڪميل جي موقعي تي سالگرهه تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تنظيم جي مرڪزي اڳواڻن، عهديدارن ۽ مختلف اڳواڻن شرڪت ڪئي. تقريب دوران تنظيم جي 10هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن هڪ ٻئي کي مبارڪون پيش ڪيون. ان موقعي تي تنظيم جي اڳواڻن پاران انساني حقن جي تحفظ، قانوني شعور جي واڌاري ۽ عوام سان لاڳاپيل مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ گذريل ڏهن سالن دوران ڪيل ڪوششن جو ذڪر ڪيو ويو. سالگرهه تقريب دوران سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر مانيٽرنگ سيل سنڌ ايڊووڪيٽ امر جماڻي ميمڻ پاران تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ مهمانن کي سنڌي جي ثقافت لنگيون ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا، جنهن سان تقريب ۾ سنڌي ثقافتي رنگ پڻ نمايان رهيو. تقريب ۾ هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن رجسٽرڊ جي سربراهه ايڊووڪيٽ عبدالوهاب عباسي، چيئرمين راڻا غلام نبي، ڊائريڪٽر مانيٽرنگ سيل سنڌ ايڊووڪيٽ بلاول ملاح، ڊپٽي ڊائريڪٽر مانيٽرنگ سيل سنڌ ايڊووڪيٽ امر جماڻي ميمڻ سميت تنظيم جي مختلف عهديدارن، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تنظيم جي سربراهه ايڊووڪيٽ عبدالوهاب عباسي خطاب ڪندي چيو ته انساني حقن جو تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ عوام کي انصاف تائين رسائي فراهم ڪرڻ هڪ مسلسل ذميواري آهي، جنهن لاءِ سول سوسائٽي ۽ انساني حقن جي تنظيمن جو ڪردار اهم حيثيت رکي ٿو. هنن چيو ته تنظيم پنهنجي 10 سالن جي سفر دوران عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ متاثر ماڻهن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تقريب ۾ تنظيم جي مستقبل جي سرگرمين ۽ انساني حقن جي تحفظ واري جدوجهد کي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻائڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته انساني حقن، انصاف ۽ قانون جي بالادستي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 12

ڪندي چيو آهي ته هنن شريعتِ محمدي ۽ قانون موجب پنهنجي مرضي سان نڪاح ڪيو آهي. جنهن ڪانپوءِ سندن مائٽ ۽ علائقي جا ڪجهه بااثر ماڻهو سندن خلاف ٿي ويا آهن. پريس ڪانفرنس دوران نامزد بااثرن ممتازه ڪوريجو، سڪندر ڪوريجو، امداد مگسي، فياض شاهه ۽ ايمن تي الزام هڻندي جوڙي ٻڌايو ته سندن مائٽن ۽ انهن بااثرن پاران مبينا طور سندن مڙس، مائٽن ۽ ساٿين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، گهرن تي حملا ڪري ڪاروبار بند ڪرايا ويا آهن ۽ خاندان جي ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ وٺي گم ڪرڻ جا خدشا پڻ آهن. هنن وڌيڪ ٻڌايو ته هو عدالت سان رجوع ڪري چڪا آهن ۽ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد مان تحفظ بابت پروٽيڪشن آرڊر حاصل ڪرڻ سميت پوليس کي ليٽر جاري ٿيڻ باوجود ڪين مسلسل مبينا طور ڌمڪيون ڏيڻ ۽ هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. پريمي جوڙي خدشو ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن ڪين يا سندن خاندان جي ڪنهن به فرد کي ڪو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار مذڪوره ماڻهو هوندا. هنن چيف جسٽس آف پاڪستان، سنڌ حڪومت، انساني حقن جي تنظيمن ۽ لاڳاپيل پوليس انتظاميا کان اپيل ڪئي ته سندن شڪايتن جو نوٽيس وٺي ڪين جاني ۽ قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 13

سنڌ هاري ڪاميٽي پاران هارين جي اڳواڻ ۽ سنڌ هاري تحريڪ جي باني ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125هين سالگرهه عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. ان سلسلي ۾ ڏوڪري ۾ منعقد تقريب ۾ هارين، مزدورن، اديبن، استادن، شاگردن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي عاجز ماڇي، انور ڏنگڙائي ۽ صابر ماڇي خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سڄي زندگي هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. هنن چيو ته اڄ به هاري پاڻي جي کوٽ، ٻاڻ جي مهانگائي ۽ ٻين مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. تنهن ڪري سندس فڪر ۽ جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. تقريب جي آخر ۾ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس پيتا پيش ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 14

گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪيو . جلد سهولتون مهيا ڪرڻ جي خاطري خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر ۾ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ سهولتن جي کوٽ واريون خبرون ميڊيا تي هلڻ بعد تعليم کاتي جو سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو . سيڪريٽري ڪاليجز ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفي لغاري سان گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪري تفصيل معلوم ڪيا جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفي لغاري سيڪريٽري کي ڊگري ڪاليج جو دورو ڪرائي سهولتن جي کوٽ . استاد ۽ پٽيوالا نه هجڻ سميت سمورن مسئلن تي آگاهي ڏني ان موقعي تي سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪرڻ بعد ڪاليج جي انتظاميه کي جلد سهولتون مهيا ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي چيو ته ڊگري ڪاليج جي انتظاميه سان ملاقات ڪري درپيش مسئلن بابت آگاهي ورتي آهي جلد ڪاليج ۾ پاڻي سميت سموريون سهولتون ڏنيون وينديون ڪاليج جي بلڊنگ جو ڪم به اڌ ۾ رهيل آهي جنهن کي پڻ جلد مڪمل ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 15

وال، محمد موسيٰ ساهووال ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيو ۽ الزام هنيو ته سندن ابن ڏاڏن جي ديهه پريڙي، ٽپو پٽ شاهه، سروي نمبر 125 ۾ 9 ايڪڙ 21 گهنٽا زرعي زمين موجود آهي، جيڪا هاٿي ايم-6 موٽروي منصوبي ۾ شامل ٿي چڪي آهي، احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته سندن مخالفن ٽپيدار پٽ شاهه ذوالفقار عرف پٽو خاصخيلي، مختيارڪار هالا ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا سان مبينا ملي ڀڳت ڪري سندن زنده ماڻهن. مولا بخش عرف مولو ساهووال ۽ هڪ ٻئي شخص کي سرڪاري رڪارڊ ۾ فوت ٿيل ظاهر ڪري مذڪوره زمين جا جعلي ڪاتا تيار ڪرايا آهن. جڏهن ته مولا بخش عرف مولو ساهووال حيات آهي ۽ وٽس زمين جا اصل ڪاغذ پڻ موجود آهن. هنن ٻڌايو ته ان معاملي بابت عدالت ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي. احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي مبينا جعلي رڪارڊ جي چنڊڇاڻ ڪئي وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ الزام هنيو ته هن وقت به مخالف ڌرجا مير محمد ساهووال، ميان بخش ساهووال، خادم حسين ساهووال ۽ ٻيا ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته جيڪڏهن ڪين ڪنهن به قسم جو جاني يا مالي نقصان پهتو ته ان جي ذميواري ٽپيدار پٽ شاهه، مختيارڪار هالا، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا، ٻين روينيو آفيسرن ۽ سندن مخالفن تي عائد ٿيند

بقايا عوامي سوچ 16

۽ لاپرواهي سبب اسرائيل کي هٿي ملي، جنهن جي نتيجي ۾ انساني الميو جنم ورتو. هزارين معصوم فلسطيني ٻار، عورتون ۽ نوجوان شهيد، جڏهن ته لکين ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن. هو جماعت اسلامي ميرپورخاص پاران ڪرايل غزه مارچ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪري رهيو هو. سهيل احمد شارق چيو ته غزه جا ماڻهو بدترين حالتن باوجود شڪست تسليم نه ڪئي آهي، جڏهن ته اسرائيلي فوج جي مبينا ظلمن ۽ بربريت باوجود فلسطيني عوام جي مزاحمت ۽ ثابت قدمي جاري آهي. هن چيو ته غزه جي صورتحال عالمي برادري جي انساني حقن بابت دعوائن کي سوالن جي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هن عالمي انساني حقن جي ادارن، گڏيل قومن ۽ اسلامي سربراهه ڪانفرنس جي ڪردار تي به تنقيد ڪندي چيو ته انهن ادارن کي غزه جي صورتحال بابت وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. غزه مارچ کي جماعت اسلامي ضلعي ميرپورخاص جي امير سلمان خالد، جماعت اسلامي ٽنڊوالهيار جي امير آصف ياسين، جماعت اسلامي ميرپورخاص جي امير شڪيل احمد فهيم، نادر خان ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. مارچ جي شرڪت ڪندڙن اسرائيلي حملن ۽ فلسطيني عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ نعرا هنيا، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جن تي "سبيلنا سبيلنا، الجهاد الجهاد"، "اسرائيل جو هڪ علاج، الجهاد الجهاد" ۽ "فلسطينين سان رشتو ڇا؟ لا الهٰ الا الله" جا نعرا لکيل هئا.

بقايا عوامي سوچ 17

دين اڳيان احتجاج. بدين سنڌ پوليس ايس پي ڊي زيرو ون ۾ اپلائي ڪندڙ اميدوارن رفيق لنڊ ، عبدالرئوف رستماڻي ، شنڪر لال ڪولهي ، روهيت ڪمار، مظفر جوڪيو، ذوالفقار سومرو ، عبدالقادر ابڙو ۽ ٻين اپلائي ڪندڙ اميدوارن جو چوڻ هو ته اسان رٽن ٽيسٽ پاس ڪيو، فزيڪل، انٽرويو، سي آر او ، ڊي وي سي ويريفڪيشن سميت سڀ مرحل پاس ڪيا آهن ان جي باوجود به اسان کي ٻن سالن کان ويٽنگ ۾ رکي نا انصافي ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻين ضلعن ۾ آفيشل ويب سائيٽ تي ميرٽ بنياد تي اميدوارن جي لسٽ ظاهر ڪئي وئي آهي صرف ضلعي بدين جي لسٽ ظاهر نه ڪئي وئي آهي مظفر جوڪيو جو چوڻ آهي ته لسٽ ايس ايس پي آفيس بدين ۾ موجود آهي پر ظاهر نه ڪري رهيا آهن جڏهن ته ميرپور خاص رينج ۾ مينارٽي وارن جون سيٽون وڌائي ڏنيون ويون ته ٻين ضلعن جي مينارٽي وارن کي نظرانداز ڪرڻ نا انصافي آهي اسان بلاول ڀٽو زرداري ، سي ايم سنڌ ، چيف جسٽس ، ۽ آئي جي سنڌ کي اپيل ٿا ڪريون اسان جا آفر آرڊر جاري ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو وٺڻ لاءِ اهم اجلاس سنڌس آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم، ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو سيد عمار حسين، ڊائريڪٽر انفارميشن محمد موسيٰ گونڊل، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (NHA)، چائنا ريلوي سڪسٽيٽ گروپ جي نمائندن، نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽروي پوليس (NH&MP). پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران زير تعمير قومي شاهراهه تي پيش ايندڙ حادثن جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو. ان موقعي تي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد غلام قادر خان ٽالپر N_5 مورو کان راڻيپور سيڪشن تي تعميراتي ڪم جي سست رفتاري ۽ دوران تعمير بار بار ٿيندڙ ٽريفڪ حادثن تي سَخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته قومي شاهراهه جي تعمير ۽ بحالي هڪ اهم قومي منصوبو آهي، پر تعميراتي سرگرمين سبب انساني جانيون خطري ۾ نٿيون وجهي سگهجن. هن چيو ته تعميراتي ڪم ۾ رڪاوٽ نه وڌي ويندي، پر ان کي محفوظ طريقي سان تيز رفتاري سان مڪمل ڪرڻ ضروري آهي. ڪمشنر چيو ته مسافرن کي محفوظ شاهراهه فراهم ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي ۽ بار بار ٿيندڙ حادثا ۽ انساني جانيون ضايع ٿيڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هن اين ايچ اي ۽ ٺيڪيدار تي زور ڀريو ته تعميراتي ڪم ۾ ضايع ٿيل وقت جو ازالو ڪندي منصوبي کي نظرثاني ٿيل مقرر مدت اندر مڪمل ڪيو وڃي ۽ اجلاس ۾ ڪيل فيصلن تي ٽائيم بائونڊ عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. ڪمشنر هدايت ڪئي ته N_5 جي مورو_پريا ۽ پريا_راڻيپور حصن تي هينئر تائين مڪمل ٿيل ڪم، زير تعمير حصن ۽ باقي رهيل ڪلوميٽرن بابت واضح ۽ حقيقت تي ٻڌل اڳيرائي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. ان سان گڏ مقرر ڪيل شيڊول ۽ موجوده ڪم جي رفتار جو تقابلي جائزو وٺندي هر حصي جي مڪمل ٿيڻ لاءِ حقيقت پسندانه ۽ مقرر وقت تي ٻڌل ٽائيم لائن پڻ پيش ڪئي وڃي، هن اين ايچ اي ۽ ٺيڪيدار کي هدايت ڪئي ته اضافي افرادي قوت ۽ مشينري مقرر ڪئي وڃي ۽ جتي ضرورت هجي اتي رات جي شفٽ ۾ ڪم جو انتظام ڪيو وڃي، ته جيئن دير جو ازالو ڪندي منصوبي کي نظرثاني ٿيل مدت اندر مڪمل ڪري سگهجي. اڳ ۾ ڪوٽيل ۽ زير تعمير حصن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل يا محفوظ بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي. اجلاس ۾ روڊ سيفٽي بابت هدايت ڪئي وئي ته تعميراتي هنڌن تي مناسب روڊ بيئريئرز، وارننگ ۽ ريفليڪٽو سائنز، روڊ مارڪنگ، ڊي لائٽيٽرز، ٽريفڪ ڪونز، حفاظتي رڪاوٽون، روشني ۽ فلڊ لائيٽس يقيني بڻايون وڃن. تعميراتي هنڌن تي روڊ جي شولڊرز کي مضبوط بڻائڻ، واضح ۽ محفوظ ٽريفڪ ڊائيورشن قائم ڪرڻ ۽ رات جي وقت مناسب عملي جي مقرري تي پڻ زور ڏنو ويو. ڪمشنر اين ايچ اي ۽ ٺيڪيدار کي هدايت ڪئي ته حادثن جي حوالي سان خطرناڪ هنڌن جي نشاندهي ڪري انهن هنڌن تي فوري حفاظتي قدم کنيا وڃن ۽ ڪيل حفاظتي قدمن جا فوٽوگرافڪ ثبوت پڻ پيش ڪيا وڃن. هن چيو ته ايمبولينسز، ريسڪيو 1122 ۽ ٻين ايمرجنسي سروسز لاءِ هر صورت ۾ رستو دستياب رکيو وڃي. اجلاس کي ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو ٻڌايو ته قومي شاهراهه جي زير تعمير علائقي ۾ گذريل ٽن مهينن دوران حادثن ۾ 25 ڄڻا فوت ۽ 29 ڄڻا زخمي ٿي چڪا آهن. هن تجويز ڏني ته حادثن ۾ زخمي ۽ فوت ٿيل ماڻهن کي ٺيڪيدار طرفان مالي مدد فراهم ڪئي وڃي. ايس ايس پي نوشهروفيروز وڌيڪ تجويز ڏني ته زير تعمير شاهراهه تي حادثن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ ٽريفڪ جو رخ ڄامشورو کان انڊس هاءِ وي ڏانهن تبديل ڪيو وڃي، جڏهن ته سکر ۽ پنجاب کان ايندڙ ٽريفڪ کي ٽنڊو مستي ۽ لاڙڪاڻي کان انڊس هاءِ وي ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. اجلاس کي نيشنل هاءِ ويز جي جنرل مئنيجر نور مصطفيٰ ٻڌايو ته مورو کان راڻيپور تائين 86 ڪلوميٽر روڊ تعمير هيٺ آهي. هن ٻڌايو ته منصوبي جو ڪم ڊسمبر 2024 ع ۾ شروع ٿيڻو هو ۽ ڊسمبر 2026 ع ۾ مڪمل ٿيڻو هو. پر چيني ٺيڪيدار کي سيڪيورٽي خدشن سبب ڪم دير سان شروع ٿيو. جنهن ڪري هاڻي اميد آهي ته منصوبو جون 2027 ع تائين مڪمل ٿيندو، هن وڌيڪ ٻڌايو ته اين ايچ اي جو تقريباً 45 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. ان موقعي تي چيني ٺيڪيدار جي نمائندي ٻڌايو ته سيڪيورٽي خدشن سبب رات جي وقت ڪم نٿا ڪري سگهن ۽ حڪومت طرفان ڪين صبح کان شام 6 وڳي تائين ڪم ڪرڻ جي اجازت آهي. هن ٻڌايو ته ايندڙ 15 ڏينهن اندر تقريباً 15 ڪلوميٽر روڊ ٽريفڪ لاءِ کوليو ويندو. ٺيڪيدار جي نمائندي وڌيڪ ٻڌايو ته حفاظتي قدمن لاءِ ڪين الڳ ادائيگي نه ڪئي ويندي آهي. تنهن هوندي به ڪمپني طرفان حفاظتي قدمن ۽ حفاظتي سائن بورڊز تي وڏي رقم خرچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته مختلف هنڌن تي 120 سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ ڪمشنر شهيد بينظيرآباد موٽروي پوليس ۽ نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽروي پوليس (NH&MP) کي هدايت ڪئي ته مورو کان راڻيپور سيڪشن تي حادثن جي اهم هنڌن جي نشاندهي، موجوده گشت جي انتظامن ۽ ٽريفڪ مئنيجمينٽ کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي. هن اوور اسپيڊنگ، خطرناڪ اوور ٽيڪنگ ۽ لين جي ڀڃڪڙين خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. ان سان گڏ تعميراتي هنڌن تي سنگين حفاظتي خامين جي صورت ۾ فوري طور ضلعي انتظاميا ۽ اين ايچ اي کي آگاهه ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون.

بقايا عوامي سوچ 19

ن جون مارڪشيٽون بدين محتسب اعلي ڊاڪٽر نسيم غني سهتو ۽ ڪاليج جي پرنسپال جي حوالي ڪيون متاثر شاگرد اڄ ئي ٽيڪنيڪل ڪاليج بدين جي پرنسپال جي آفيس مان پنهنجون مارڪشٽون کڻي سگهن ٿا

بقايا عوامي سوچ 20

سنڌ مارچ کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ ميروخان تعلقي جو دورو ڪري مختلف ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي آهي، ميروخان :سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي، ڪراچي ۾ سنڌ دشمن ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي کي ريلين جي اجازت آهي پر اسان ڌرتي ڌڻين جي پرامن ريلين ۾ به رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون. رياض چانڊيو ميروخان : ملڪ جا حڪمران صرف پنجابي آهن باقي رهندڙ قومون غلام آهن حڪمران 80 سالن کان پوءِ چون ٿا نظام ويهجي ويو آهي. قومپرست اڳواڻ رياض چانڊيو ميروخان : پنجاب اسٽيبلشمينٽ انصاف ۽ برابري سان ملڪ هلائڻ لاءِ تيار ناهي سنڌ جا وسيلا پنجاب تي خرچ ڪري سنڌين کي معاشي بدحالي جو شڪار بڻايو پيو وڃي. رياض چانڊيو ميروخان : جيڪو به انصاف گهرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ان کي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو ملڪ ۾ قانون ,انصاف ، عدالت ۽ پارليامينٽ جو نظام ختم ٿي چڪو آهي. رياض چانڊيو ميروخان : ڪرپشن، بدعنواني ،لٽ مار سبب ملڪ تباهه ٿي چڪو آهي ۽ ان جا ذميوار اقتدار تي قبضو ڪري ويٺل پنجابي آهن سنڌ ۽ بلوچستان کي پنهنجا حق ۽ وسيلا نه ٿا ڏنا وڃن. رياض چانڊيو ميروخان : نوان صوبا ٺاهڻ بدران صوبن ۽ عوام کي پنهنجا وسيلا ۽ بنيادي حق ڏنا وڃن سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ڀرپور مزاحمت ڪنداسين. رياض چانڊيو ميروخان : پ پ نون صوبن خلاف قرارداد آڻڻ کان پوءِ خاموش ٿي وئي آهي پ پ جي هي خاموشي به درياهه تي غيرقانوني ڪئنالن جهڙي آهي جنهن کان پوءِ پنجاب جلالپور ڪئنال ٺاهي درياهه تي ڏاڙو هڻي سنڌ جو پاڻي چورائي رهيو آهي. رياض چانڊيو ميروخان : ايترن مسئلن هوندي لٽ مار جو نظام ختم c ڪرڻ بدران وڌيڪ لٽ مار ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ۾ نون صوبن جو بحث هلندڙ آهي. رياض چانڊيو ميروخان : سنڌ جي وسيلن جي مالڪي، سنڌ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻو ۽ 8 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين ماڻهن جو وحدت سنڌ مارچ ٿيندو مارچ ۾ سنڌ سان انصاف جي گهر ڪنداسين . رياض چانڊيو ميروخان : جسم چيئرمين رياض چانڊيو جو ڳوٺ درياهه خان جتوئي پريس ڪانفرنس کي خطاب، جسم چيئرمين ڳوٺ سرمست عمراڻي ، ڳوٺ محمد صالح چانڊيو ۽ ٻين ڳوٺن جو دورو ڪري ڪارنر گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 21

مان جيد علماءِ ڪرام ۽ اهلسنت والجماعت جي اڳواڻن صدر علامه غازي اورنگزيب فاروقي ، سيد عبدالرافع شاهه بخاري ، مولانا غلام صديق جان حيدري، ضلعي صدر حافظ محمد اسحاق چنه، حافظ محمد نواز سولنگي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته دين اسلام الله پاڪ جو پسنديده دين آهي ۽ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين اسلام جو پيغام پوري دنيا ۾ ڦهلايو امت مسلمه تي خلفاءِ راشدين جا بي شمار احسان آهن، جن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي اڳواڻن حڪومت وقت ۽ ارباب اختيار کان مطالبو ڪيو ته جيئن ملڪ ۾ ٻين عام ۽ خاص ڏهاڙن تي سرڪاري موڪل ڪئي وڃي ٿي ، اهڙي طرح خلفاءِ راشدين جي ايام وفات ۽ شهادت جي موقعي تي به قومي سطح تي عام موڪل جو اعلان ڪري ان کي قانوني شڪل ڏني وڃي انهن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي بقا ۽ سالميت لاءِ اسان جي جدوجهد جاري رهندي هن وقت ملڪ سخت معاشي بحران جو شڪار آهي، حڪومت کي گهرجي ته معاشي صورتحال تي خاص ڌيان ڏئي ڇو ته عوام شديد مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي سنڌ اندر تعليمي ادارا ۽ صحت مرڪز تباهي جو شڪار آهن. جڏهن ته صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي، ڦرون ۽ اغوائن روز جو معمول بڻجي ويون آهن. اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسان کي پاڪ افواج تي فخر آهي جيڪي پنهنجي ملڪ جي استحڪام لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن.

بقايا عوامي سوچ 22

علي برهماڻي اسڪولن جا دورا ڪيا جن ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول مخدوم نوح، گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول شريف جٽ اردو، گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول شهيد محمد فقير ڏيرو، گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٿهيم ڪالوني، گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول محمد صالح ڪوري، گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول علامه اقبال ٽنڊو آدم . تحريڪ جي حوالي سان سائين لڪاڏني خاصخيلي استادن کي بريفنگ ڏيندي چيو ته چارٽر آف ڊمانڊ ۾ سيني کان پهرين سروس اسٽرڪچر، سينارٽي لسٽ کي مڪمل ڪرڻ، استادن جا ٽرانسفر ڊي اي اوز جي حوالي ڪيا وڃن. فريمس ايپ کي ناڪام سمجهي ان کي ختم ڪرڻ، رٽائر ٿيندڙ استادن جي پينشن آنلائين ڪرڻ ۽ آخر ۾ تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ 12 تاريخ تي تعلقي ٽنڊو آدم جي پريس ڪلب تي گڏجي مظاهرو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. موٽ ۾ سيني اسڪولن جي استادن سائين لڪاڏنو خاصخيلي سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ جي يقين دهاني ڏياري. آخر ۾ سائين سيني استادن جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 23

ر باقاعده چوماسي جي برساتن سبب پيدا ٿيل صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي ضلعي کي فوري طور آفت سٽيل/ڏڪار متاثر ضلعو قرار ڏيڻ لاءِ چيف سيڪريٽري سنڌ کي خط لکي ڇڏيو آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ ڏانهن لکيل خط ۾ ايم پي اي سريندر ولاسائي چيو آهي ته ٿرپارڪر جي وڏي آبادي جو گذر سفر برساتي زراعت، مال پالڻ ۽ موسمي چراگاهن تي دارومدار رکي ٿو، تنهن ڪري چوماسي جون برساتون گهربل مقدار ۾ نه پوڻ سبب زراعت، چوپائي مال، پيئڻ جي پاڻي ۽ ماڻهن جي روزگار تي خراب اثر پئجي رهيو آهي. هن خط ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته ٿر ۾ چوماسي جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ 15 آگسٽ هڪ اهم مقرر ڪيل معيار طور ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن ان وقت تائين گهربل برساتون نه پون ته زرعي نقصان، مال جي نقصان ۽ پاڻي سان لاڳاپيل صورتحال جو جائزو وٺي متاثر علائقن کي آفت سٽيل قرار ڏيڻ جي ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي. سريندر ولاسائي چيو ته سنڌ حڪومت اڳ به اهڙو قدم کڻي چڪي آهي ۽ 2018ع ۾ ٿرپارڪر سميت برساتن کان متاثر علائقن کي آفت سٽيل قرار ڏئي رليف جا قدم کنيا ويا هئا. خط ۾ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ٿرپارڪر ۾ برساتن، فصلن جي تباهي، پيئڻ جي پاڻي جي دستيابي، چراگاهن جي صورتحال ۽ چوپائي مال جي نقصان جو تعلقيوار سطح تي فوري جائزو ورتو وڃي ۽ مقرر معيار پورو ڪندڙ علائقن کي ڏڪار/آفت متاثر قرار ڏنو وڃي. ايم پي اي وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ڏڪار متاثر غريب خاندانن کي فوري طور مفت ڪٽڪ ۽ ضروري خوراڪ فراهم ڪئي وڃي، پاڻي جي کوٽ وارن ڳوٺن ۽ وسندين لاءِ واٽر ٽينڪرن سميت هنگامي بنيادن تي پيئڻ جي پاڻي جو بندوبست ڪيو وڃي. خط ۾ چوپائي مال کي بچائڻ لاءِ چاري جا بينڪ ۽ هنگامي چارو ورهائڻ جا مرڪز قائم ڪرڻ. جڏهن ته ڏورانهن ريگستاني علائقن ۾ ويٽرنري موبائل ٽيمون موڪلڻ. جانورن لاءِ ويڪسينيشن، دوائون ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ جي به درخواست ڪئي وئي آهي. سريندر ولاسائي آبپاشي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ هنگامي قدم کڻڻ جي هدايت ڪرڻ. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني هيٺ ضلعي سطح تي ڏڪار مانيٽرنگ ۽ رليف ميڪنزم قائم ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو آهي. جيئن متاثر خاندانن تائين امداد بنا غير ضروري دير جي پهچي سگهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته ٿرپارڪر جي عوام کي ان وقت تائين انتظار نه ڪرائڻ گهرجي. جيستائين ڏڪار انساني بحران جي صورت اختيار ڪري، بروقت برساتن جو جائزو وٺڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته صورتحال وڌيڪ سنگين ٿيڻ کان اڳ احتياطي ۽ امدادي قدم کنيا وڃن. ايم پي اي سريندر ولاسائي چيف سيڪريٽري سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي کي عوامي اهميت ۽ هنگامي نوعيت جو سمجهي لاڳاپيل کاتن کي فوري طور صورتحال جو جائزو وٺڻ ۽ قانون ۽ حڪومتي پاليسي تحت ٿرپارڪر جي متاثر علائقن کي آفت سٽيل قرار ڏيڻ جي عمل کي شروع ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 24

وارڊ ۾ هڪ بيڊ تي به مريضن جو علاج ٿيڻ لڳو ڪچن ۾ ڪتن جي موجودگي اسپتال انتظاميا جي ڪارڪردگي ۽ صفائي جي نظام تي سوال اٿاري ڇڏيا ڊي ايڇ ڪيو اسپتال م مريضن کي خوراڪ ،دوائون ۽ صفائي جو مناسب بندوبست نه ملڻ تي مريض پريشان اسپتال جي ڪچن ۾ ڪتا سٽل ڪچن سنڀاليندڙ اسٽاف جي اڳيان ڪچن ۾ ڪتن جي موجودگي اسپتال جي صفائي جي نظام تي سوال اٿاري ڇڏيا جڏهن ته اي ايم ايس آفيس ۾ ڪچري لاءِ رکيل ڊسٽ بين منشيات جي ريپرن سان ڀريل شهرين اهو سوال ڪيو آهي ته ڊي ايچ ڪيو جي اي ايم ايس جي آفيس ۾ آخر ڪير منشيات واپرائيندڙ آهي شهرين ڳڻتي جو اظهار ڪندي هيلٿ منسٽر ۽ اعلا اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊي ايچ ڪيو اسپتال جي اسٽاف خلاف صحت کاتي پاران ڪاروائي ڪري غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ مقرر ڪيل حڪومت سنڌ پاران صحت لاءِ آيل ڪروڙين روپين جي بجيٽ جو صحيح استعمال ڪري علائقي واسين کي صحت جون بهترين سهولتون فراهم ڪري بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 25

مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين فلسطين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيل خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب قيم پروفيسر سهيل احمد شارق چيو ته فلسطيني عوام اسرائيل جي غرور ۽ گهمنڊ کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي ۽ مزاحمت ۽ جدوجهد جي جذبي کي ٻيهر زنده ڪيو آهي فلسطيني قوم جي ثابت قدمي اڄ پوري دنيا لاءِ مثال بڻيل آهي مظاهري ۾ ضلعي امير آصف ياسين، امير شهر رائو جاويد علي، ضلعي جنرل سيڪريٽري عاشق حسين خانزاده، امير تعلقو ديدار حسين ٻهراڻي، نائب امير شهر عبدالوحيد ۽ صدر جي اءِ يوٿ ضلعو ٽنڊوالهيار صابر مغل سميت ذميوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ شرڪت ڪئي جڏهن ته آخر ۾ مظاهرين فلسطيني عوام سان والهانه يڪجهتي جو اظهار ڪندي اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ فلسطينين جي آزادي تائين جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا عوامي سوچ 26

پيڳ پنج لک رپيا ٻڌائي وڃي ٿي. جڏهن ته ڪيترائي وڇڙا ۽ مينهون پڻ بيمار هجڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. لائيو اسٽاڪ اينڊ هسبينڊري ڊيري ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري حاجي واحد بخش پلائي موجب، علائقي ۾ مال مويشي ۾ تيزي سان بيماريون پکڙجي رهيون آهن، جنهن سبب جانور ڪجهه ئي ڏينهن اندر بيمار ٿيڻ ڪانپوءِ فوت ٿي رهيا آهن. هن الزام لڳايو ته بار بار شڪايتن باوجود لائيو اسٽاڪ کاتي جو عملو ۽ لاڳاپيل ڊاڪٽر مبينا طور لاتعلقي اختيار ڪري ويٺا آهن. جڏهن ته جانورن کي بروقت ويڪسين پڻ نه لڳائي پئي وڃي. حاجي واحد بخش پلائي وڌيڪ چيو ته جانورن جي علاج ۽ بيمارين جي روڪٿام لاءِ لکين رپين جا فنڊ اچن ٿا. پر زمين تي انهن جي استعمال بابت مالوندن ۾ خدشا موجود آهن. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي، متاثر علائقن ۾ فوري طور تي لائيو اسٽاڪ جو

بقايا عوامي سوچ 27

ويون آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ محمد يوسف ولد محمد حسن نوتياوٽ سليمان، تعلقو ٽنڊو باگو، ضلع بدين طور ٿي آهي. پوليس موجب 28 سيپٽمبر 2026ع تي جوابدارن ٽنڊو جان محمد ٿاڻي جي حد ٻاءِ پاس روڊ تان محمد عارف ولد جمن نظاماڻي کان 2026 ماڊل CD_70 موٽرسائيڪل ڦر ڪئي. جڏهن ته ساڳئي ڏينهن تعلقا ٿاڻي جي حد مين ميراواهه روڊ، ليڪ سٽي پرسان امجد علي ولد نيڪ محمد لغاري کان 2018 ماڊل 125 موٽرسائيڪل ڦر ڪئي وئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ڪارروائي دوران ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦرتيل موٽرسائيڪلون ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا. جوابدارن خلاف ٽنڊو جان محمد ٿاڻي تي مختلف ڏوهن تحت ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا آهي

بقايا عوامي سوچ 28

نامي ۾ چيو ته 11 جون 2023ع تي رات ساڍي يارهين وڳي محمد حسن تي حملو ٿيو عدالتي رڪارڊ موجب جوابدار نور احمد جي حملي سبب محمد حسن مارجي ويو. سيشن ڪورٽ سجاول جوابدار نور احمد کي قلم 302 (b) تحت موت جي سزا ٻڌائي، جوابدار نور احمد سيشن ڪورٽ جي فيصلي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي، هاءِ ڪورٽ اکين ڏٺن شاهدن، طبي ۽ فرانزڪ ثبوتن کي معتبر قرار ڏنو، هاءِ ڪورٽ قتل بابت سيشن ڪورٽ سجاول جو فيصلو برقرار رکيو، ميڊيڪل بورڊ جوابدار نور احمد جي ذهني بيماري جي تصديق ڪئي،لکت واري فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته ذهني بيماري سبب جوابدار نور احمد جي موت واري سزا عدالت عمر قيد ۾ بدلائي ڇڏي .مقتول جي وارثن کي ٻه لک رپيا معاوضي جو حڪم عدالت برقرار رکيو،جيل اختيارين کي جوابدار نور احمد لاءِ نفسياتي علاج ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي .ضرورت پوڻ تي جوابدار نور احمد کي نفسياتي اداري منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي .

والدجي نالي ۾ درستگي بابت

جيئين ته اءُ نالي زاهد علي ولد صاحب رند ويٺل ڳوٺ علي آباد تعلقو دوڙ ضلع شهيد بينظير حلفيه چوان ٿو ته منهنجو ڀاءُ نالي محمد ابراهيم ولد صاحب رند جو نالو غلطي سان اسڪول رڪارڊ ۾ صاحب خان لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صاحب علي رند لکيو پڙهيو ۽ رڪارڊ تي رکيو وڃي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

منياڻي پرسان گل محمد مشوري روڊ تباهه، ڪيترن ئي ڳوٺن جا رهواسي پريشان

نوان جتوئي لڳ اسٽاپ گل محمد مشوري کان اڳتي ويندڙ روڊ ٽٽي ڀڄي ۽ کڏن ۾ تبديل ٿي ويو

جنهن سبب علائقي جي عوام کي اچ وڃ ۾ سخت تڪليفون پيش اچي رهيون آهن

سومر خان چانڊيو، محمد چٽل شينو، امير بخش مستوئي ۽ منظور علي مستوئي سميت ڪيترائي ڳوٺ ڳنڍيل آهن

منياڻي (رپورٽ: ميول خان مستوئي) منياڻي ۽ نوان جتوئي لڳ اسٽاپ گل محمد مشوري کان اڳتي ويندڙ روڊ ٽٽي ڀڄي ۽ کڏن ۾ تبديل ٿي ويو آهي، جنهن سبب علائقي جي عوام کي اچ وڃ ۾ سخت تڪليفون پيش اچي رهيون آهن. هي روڊ ت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد ضلعي اطلاعات آفيس بدين جو تفصيلي دورو

دورو ڪري آفيس جي انتظامي معاملن، مجموعي ڪارڪردگي، ميڊيا مينيجمينٽ سرڪاري سرگرمين جي تشهير بابت تفصيلي جائزو ورتو

ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊپٽي ڪمشنر بدين کي اطلاعات کاتي بابت تفصيلي بريفنگ

ماحوليات، ڊجيٽل گورننس ۽ ٻين عوامي ڀلائي وارن قدمن کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ذريعي مؤثر نموني اجاگر ڪري رهي آهي

بدين (رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد ضلعي اطلاعات آفيس بدين جو تفصيلي دورو ڪري آفيس جي انتظامي معاملن، مجموعي ڪارڪردگي، ميڊيا مينيجمينٽ سرڪاري سرگرمين جي تشهير بابت تفصيلي جائزو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سجاول ٺٽو روڊ تي سيدپور پرسان افسوسناڪ روڊ حادثو

حادثي ۾ محمد موسيٰ خاصخيلي ٽرڪ هيٺيان چيڀاڃجي فوت ٿي ويو

جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

سجاول(رپورٽ:امتياز ميمڻ)سجاول ٺٽو روڊ تي سيدپور پرسان افسوسناڪ روڊ حادثو حادثي ۾ محمد موسيٰ خاصخيلي ٽرڪ هيٺيان چيڀاڃجي فوت ٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڳوٺ محمد خان سومرو جي رهواسي تنوير حسين سومرو ۽ سندس ڀاءُ طهمير حسين سومرو ٺٽي پهچي احتجاج

برادري جي غلام عباس سومرو پنهنجي ساٿين جي مدد سان بگهاڙ موري جي رهواسي نيڪ محمد پٺاڻ وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي

گذريل رات غلام عباس سومرو پنهنجي گهر ايندي موٽر سائيڪل تان نشي جي حالت ۾ ڪري سخت زخمي ٿي پيو آهي

گاڏي جا ڪاغذ، اوريجنل فائل ڦٻائڻ لاءِ پاڻ کي موٽرسائيڪل تان ڪيرائي زخمي ڪرڻ جو ناٽڪ ڪري ڪٽي اسان کي ڌان تيل هٿرادو ايڪسيڊنٽ ۾ ڦاسائي پريشان ڪري ڇڏي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) چتوچند لڳ ڳوٺ محمد خان سومرو جي رهواسي تنوير حسين سومرو ۽ سندس ڀاءُ طهمير حسين سومرو ٺٽي پهچي دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته ڪاله هن وياج خور بروڪرن جي زيادتين خلاف دانهيندي الزام هڻند/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

رئيس شاهنواز بروهي ملڪ ۾ روزانو جي بنياد تي وڌندڙ تيل جي قيمتن تي ڳڻتي جو اظهار

تيل جون قيمتون وڌڻ ڪري مهنگائي ۾ حد کان وڌيڪ اضافو ٿيڻ ڪري غريب طبقو سخت پريشان آهي

جيڪو هڪ ويلي ماني ڳيهي لاءِ به سخت پريشان آهي، پر سرڪار مهنگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ توڙي غريب عوام کي رليف مهيا ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي

جنهن ڪري غريب ماڻهون غربت توڙي مهنگائي سبب خودڪشيون ڪرڻ توڙي ٻچا وڪڻڻ تي مجبور بڻيل آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي رهواسي بروهي برادري جي معزز ٽرانسپورٽ ضلعي ٺٽي جي صدر، بروهي وين سروس ضلعي ٺٽي جي آرگنائيزر شاهجهان بروهي ۽ سندس ڀاءُ رئيس شاهنواز بروهي ملڪ ۾ روزانو جي بنياد تي وڌندڙ تيل ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سجاده نشين اول حضرت صوفي فقير علي احمد مسڻ رحہ جو ساليانو هڪ روزه عرس مبارڪ

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) درگاهه حضرت صوفي فقير عبدالله مسڻ رحہ جي فرزند ۽ سجاده نشين اول حضرت صوفي فقير علي احمد مسڻ رحہ جو ساليانو هڪ روزه عرس مبارڪ تاريخ 28/29 ربيع الثاني 1448 مطابق 11_12 آڪٽوبر 2026 بروز آچر جي شام سومر جي رات ڏينهن حسب دستور صوفياڻي طور طريقي سان ملهايو پيو وڃي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٺٽي پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 14 جوابدار گرفتار، ٺٽي پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون

7 گٽڪا فروشن، 5 منشيات فروشن ۽ 2 ڏوهارين سميت 14 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪارروائين دوران گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 1380 پڙيون گٽڪا ماوا، 2090 گرام چرس، 84 بيگ ديسي شراب ۽ 2 پسٽل هٿ ڪيا ويا

ايس ايڇ او ٺٽو ڪينجهر انسپيڪٽر زاهد حسين شيخ عملي سان گڏ درگاهه قريشي بابا لنڪ روڊ ۽ پراڻي چليا پرسان ڪامياب ڪارروائي

ٺٽو(رورٽ واحدشورو)ٺٽي پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 14 جوابدار گرفتار، ٺٽي پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪندي 7 گٽڪا فروشن، 5 منشيات فروشن ۽ 2 ڏوهارين سميت 14 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. ڪارروائين دوران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايت تي پوليو مهم جي تيارين جو جائزو

2 لک 13 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت جي هدايت

مڪلي ۾ ايندڙ 2 نومبر 2026 ع کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي تيارين ۽ گذريل مهم جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس منعقد ٿيو

پوليو مهم دوران ٽرانسپورٽ سميت ٻين درپيش چئلينجز کي بروقت حل ڪرڻو پوندو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايت تي پوليو مهم جي تيارين جو جائزو، 2 لک 13 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حضور بخش خاصخيلي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ورشهر جو دورو

مختلف ڪلاسن رومز ۾ جاري تدريسي عمل جو جائزو ورتو ۽ شاگردن کي فراهم ٿيندڙ تعليمي سهولتن بابت معلومات حاصل ڪئي

خواجا ڪريم ميمڻ اسڪول انتظاميا ۽ استادن کان اسڪول کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي ۽ مسئلا جلد حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي

گهوڙا ٻاري (شاهه خالد شاهه ڏاتاري) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حضور بخش خاصخيلي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ورشهر جو دورو ڪري مختلف ڪلاسن رومز ۾ جاري تدريسي عمل جو جائزو ورتو ۽ شاگردن کي فراهم ٿيندڙ تعليمي سهولتن بابت معلومات حاصل ڪئي. ان موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر پرنسپال سر محمد عثمان شيخ شاهدپروز محب علي خواجا ڪريم ميمڻ اس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

اڏيرو لعل يوسي عرضي هڪڙا جي چيئرمين وڏيرو غلام محمد هڪڙا پاران جهولي لال پريس ڪلب جي صحافين جي مان ۾ دعوت

جنهن ۾ جهولي لال پريس ڪلب اڏيرولال جي صحافين ۽ ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ثاقب نور ساهووال، فراز ساهووال، مير منور علي هنگورو، ۽ ٻين صحافي دوستن شرڪت ڪئي

اڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرو لعل يوسي عرضي هڪڙا جي چيئرمين وڏيرو غلام محمد هڪڙا ،پاران جهولي لال پريس ڪلب جي صحافين جي مان ۾ دعوت اڏيرولال: جهولي لال پريس ڪلب اڏيرولال ايٽ اسٽيشن جي سڄ جي ماڻ ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب10

احتجاج
سنڌ پوليس کاتي ۾ نوڪريون کپائڻ بند ڪريو
ريلي
SPD
نيشنل پريس ڪلب بدين

سنڌ پوليس ايس پي ڊي زيرو ون 2024 سنڌ پوليس جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نه ٿيا

اسان رٽن ٽيسٽ پاس ڪيو، فزيڪل، انٽرويو، سي آر او، ڊي وي سي ويريفڪيشن سميت سڀ مرحلا پاس ڪيا آهن

ان جي باوجود به اسان کي ٻن سالن کان ويٽنگ ۾ رکي نا انصافي ڪري رهيا آهن

بدين (رجب راهمون)سنڌ پوليس ايس پي ڊي زيرو ون 2024 سنڌ پوليس جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نه ٿيا نيشنل پريس ڪلب ب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

غزه ۾ مسلم دنيا جي بي حسي سبب انساني الميو جنم ورتو آهي: سهيل احمد شارق

مسلم دنيا جي بي حسي ۽ لاپرواهي سبب اسرائيل کي هٿي ملي، جنهن جي نتيجي ۾ انساني الميو جنم ورتو

هزارين معصوم فلسطيني ٻار، عورتون ۽ نوجوان شهيد، جڏهن ته لکين ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل سهيل احمد شارق چيو آهي ته غزه ۾ مسلم دنيا جي بي حسي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

مظلوم فلسطینیوں سے اظہار یکجہتی کے لیے
امیر جماعت اسلامی پاکستان حافظ نعیم الرحمٰن کی اپیل پر میرپورخاص کے غیور شہریوں کا
غزہ مارچ
زیر قیادت
سہیل شارق
حافظ سلمان خالد
جماعتِ اسلامی میرپورخاص

اڏيرو لعل پرسان ڳوٺ پنهون ساهووال جي رهواسين جو احتجاج

سندن ابن ڏاڏن جي ديهه پريڙي، ٽپو پٽ شاهه، سروي نمبر 125 ۾ 9 ايڪڙ 21 گهنٽا زرعي زمين موجود آهي

جيڪا هاڻي ايم _6 موٽروي منصوبي ۾ شامل ٿي چڪي آهي. احتجاج

اڏيرولال(رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرو لعل پرسان ڳوٺ پنهون ساهووال جي رهواسين دادو حسين ساهووال، مولا بخش ساهووال، درمحمد ساهو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب15

تعليم کاتي جو سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو

سيڪريٽري ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري سان گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪيو

سيڪريٽري ڪاليجز ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفي لغاري سان گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر)تعليم کاتي جو سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو. سيڪريٽري ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفي لغاري سان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ڏوڪري ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125 هين سالگره تقريب منعقد

منعقد تقريب ۾ هارين، مزدورن، اديبن، استادن، شاگردن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سڄي زندگي هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي

ڏوڪري(رپورٽر)ڏوڪري ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125هين سالگره تقريب منعقد ڪئي وئي، سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. تفصيل موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

مورو جي پريمي جوڙي حدا ڪوريجو ۽ عبدالڪريم عالماڻي گهارو پريس ڪلب پهچي تحفظ لاءِ پريس ڪانفرنس

هنن شريعتِ محمدي ۽ قانون موجب پنهنجي مرضي سان نڪاح ڪيو آهي

جنهن ڪانپوءِ سندن مائٽ ۽ علائقي جا ڪجهه بااثر ماڻهو سندن خلاف ٿي ويا آهن

گهارو (رپورٽر) مورو سان تعلق رکندڙ پريمي جوڙي حدا ڪوريجو ۽ عبدالڪريم عالماڻي گهارو پريس ڪلب پهچي تحفظ لاءِ پريس ڪانفرنس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن رجسٽرڊ جي سالگره تقريب منعقد

جنهن ۾ تنظيم جي مرڪزي اڳواڻن، عهديدارن ۽ مختلف اڳواڻن شرڪت ڪئي

تقريب دوران تنظيم جي 10 هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

دڙو (رپورٽر) انساني حقن جي تحفظ لاءِ 10 سالا جدوجهد، هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن رجسٽرڊ جي سالگره تقريب منعقد ڪئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

مورو کان راڻيپور تائين قومي شاهراهه تي جاري ڪم کي تيز ڪيو وڃي، ڪمشنر جون اين ايڇ اي ۽ ٺيڪيدار کي هدايتون

اين 5 مورو کان راڻيپور قومي شاهراهه جي تعمير، بحالي ۽ ٽريفڪ حادثن جي روڪٿام بابت ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٽالپر جي صدارت هيٺ اهم اجلاس

چائنا ريلوي سڪسٽيٿ گروپ جي نمائندن، نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽروي پوليس (NH&MP)، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

اجلاس دوران زير تعمير قومي شاهراهه تي پيش ايندڙ حادثن جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٽالپر جي صدارت هيٺ قومي شاهراهه N_5 مورو کان راڻي پور تائين بحالي ۽ تعمير دوران پيش ايندڙ ٽريفڪ حادثن، تعميراتي ڪم جي سست رفتاري ۽ مسافرن جي حفاظت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

مورو کان راڻيپور تائين قومي شاهراهه تي جاري ڪم کي تيز ڪيو وڃي، ڪمشنر جون اين ايڇ اي ۽ ٺيڪيدار کي هدايتون ڏيندي

صوبائي وزير اسماعيل راهو بدين ٽيڪنيڪل ڪاليج جي 167 شاگردن جو اهم مسئلو حل ٿي ويو

سنڌ ٽيڪنيڪل بورڊ ڪراچي جي ٽيم ۽ بورڊ جو وڪيل بدين پهتي

سيني شاگردن جون مارڪشيٽون بدين محتسب اعلي ڊاڪٽر نسيم غني سهتو ۽ ڪاليج جي پرنسپال جي حوالي ڪيون

متاثر شاگرد اڄ ئي ٽيڪنيڪل ڪاليج بدين جي پرنسپال جي آفيس مان پنهنجون مارڪشيٽون ڪڍي سگهن ٿا

جامشورو (رپورٽر) محمد اسماعيل راهو صوبائي وزير يونيورسٽي ۽ بورڊ جي ڪوشش سان بدين ٽيڪنيڪل ڪاليج جي 167 شاگردن جو اهم مسئلو حل ٿي ويو سنڌ ٽيڪنيڪل بورڊ ڪراچي جي ٽيم ۽ بورڊ جو وڪيل بدين پهچي سيني شاگرد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19



رياض چانڊيو پاران وحدت سنڌ مارچ جي حوالي سان ميروخان تعلقي جو دورو

ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي کي ريلين جي اجازت آهي پر اسان جي ريلين ۾ رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون: رياض چانڊيو

سنڌ جا وسيلا پنجاب تي خرچ ڪري سنڌين کي معاشي بدحالي جو شڪار بڻايو پيو وڃي: گڏجاڻي کي خطاب

ميروخان (رپورٽر) ميروخان : جسم چيئرمين رياض چانڊيو 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻو ۽ 8 نومبر تي ڪراچي ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران وحدت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

قمبر ۾ سالانه عظيم الشان علي معاويه پائي پائي ڪانفرنس

دين اسلام الله پاڪ جو پسنديده دين آهي ۽ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين اسلام جو پيغام پوري دنيا ۾ ڦهلايو

ملڪ جي بقا ۽ سالميت لاءِ اسان جي جدوجهد جاري رهندي هن وقت ملڪ سخت معاشي بحران جو شڪار آهي: مقررين

حڪومت کي گهرجي ته معاشي صورتحال تي خاص ڌيان ڏئي جو ته عوام شديد مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي

قمبر(رپورٽر) سني رابطه ڪائونسل يونٽ سيدنا عثمان ذوالنورين رضي الله عنه جي زير اهتمام سالانه عظيم الشان علي معاويه پائي پائي ڪانفرنس صديقي محله ميروخان ۾ عقيدت و احترام سان منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پوري سنڌ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

استادن جي جائز حقن جي حاصلات لاءِ تحريڪ جي حوالي سان پ ٽ الف تعلقي ٽنڊي آدم جي صدر جي اڳواڻي ۾ وفد جي اسڪولن جا دورا

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول علامه اقبال ٽنڊو آدم . تحريڪ جي حوالي سان سائين لڪاڏني خاصخيلي استادن کي بريفنگ

چارٽر آف ڊماند ۾ سيني کان پهرين سروس اسٽرڪچر، سينارٽي لسٽ کي مڪمل ڪرڻ استادن جا ٽرانسفر ڊي اي اوز جي حوالي ڪيا وڃن

استادن جي پينشن آنلائين ڪرڻ ۽ آخر ۾ تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ 12 تاريخ تي تعلقي ٽنڊو آدم جي پريس ڪلب تي گڏجي مظاهرو ڪرڻ جي هدايت ڪئي

ٽنڊوآدم (رپورٽر) استادن جي جائز حقن جي حاصلات لاءِ تحريڪ جي حوالي سان پ ٽ الف تعلقي ٽنڊي آدم جي صدر سائين لڪاڏنو خاصخيلي ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبر سائين شهريار خاصخيلي ۽ ميڊيا ڪو آرڊينير سائين آفتاب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ٽنڊوآدم: استادن جي جائز حقن جي حاصلات لاءِ تحريڪ جي حوالي سان پ ٽ الف تعلقي ٽنڊي آدم جي صدر جي اڳواڻي ۾ وفد جي اسڪولن جا دورا ڪندي

ٿرپارڪر کي ڏڪار سٽيل ضلعو قرار ڏيڻ لاءِ چيف سيڪريٽري سنڌ کي خط

مٺي / ٿرپارڪر: (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر سريندر ولاسائي ٿرپارڪر ۾ غير مناسب ۽ غي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽنڊوالهيار جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ، مريض پريشان

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ڪروڙين روپين جو بجيٽ رکندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي گائيني /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ٽنڊوالهيار ۾ فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ انساني هٿن جي زنجير ٺاهي احتجاجي مظاهرو

مظاهرين فلسطين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيل خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي خطاب

فلسطيني عوام اسرائيل جي غرور ۽ گهمنڊ کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي ۽ مزاحمت ۽ جدوجهد جي جذبي کي ٻيهر زندهه ڪيو آهي : سهيل احمد شارق

صدر جي آءِ يوٿ ضلعو ٽنڊوالهيار صابر مغل سميت ذميوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ شرڪت ڪئي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي 7 آڪٽوبر عالمي يوم مزاحمت جي موقعي تي سڄي ملڪ وانگر ٽنڊوالهيار ۾ فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ انساني هٿن جي زنجير ٺاهي احتجاجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

جامشورو: لائيو اسٽاڪ کاتي جي مبينا غفلت، مختلف علائقن ۾ مال مويشي ۾ بيماريون پکڙجڻ لڳيون، چار وڇڙا مري ويا

گذريل هڪ هفتي دوران بيماري سبب چار وڇڙا مري ويا، جن جي مجموعي ماليت لڳ ڀڳ پنج لک رپيا ٻڌائي وڃي ٿي

ڪيترائي وڇڙا ۽ مينهون پڻ بيمار هجڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن

علائقي ۾ مال مويشي ۾ تيزي سان بيماريون پکڙجي رهيون آهن، جنهن سبب جانور ڪجهه ئي ڏينهن اندر بيمار ٿيڻ کانپوءِ فوت ٿي رهيا آهن

جامشورو (رپورٽر)جامشورو ضلعي جي مختلف علائقن ۾ مال مويشي ۾ موسمي ۽ مختلف بيمارين جي پکڙجڻ سبب مالوند سخت پريشان ٿي ويا آهن. گذريل هڪ هفتي دوران بيماري سبب چار وڇڙا مري ويا، جن جي مجموعي ماليت لڳ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

جامشورو: لائيو اسٽاڪ کاتي جي مبينا غفلت، مختلف علائقن ۾ مال مويشي ۾ بيماريون پکڙجڻ لڳيون، چار وڇڙا مري ويا

ٽنڊو جان محمد پوليس جي اهم ڪارروائي، مقابلي بعد 2 جوابدار گرفتار، 2 ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون ۽ پسٽل هٿ

ٽنڊو جان محمد ٿاڻي جي ايس ايڇ او نثار عالم ابڙو پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي مبينا پوليس مقابلي کانپوءِ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان به پسٽل ۽ ڦر ٿيل به موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن

ڏگهڙي (رپورٽر)ٽنڊو جان محمد پوليس جي اهم ڪارروائي، مقابلي بعد 2 جوابدار گرفتار، 2 ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون ۽ پسٽل هٿ ٽنڊو جان محمد ٿاڻي جي ايس ايڇ او نثار عالم ابڙو پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي مبينا پوليس مقابلي کانپوءِ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان به پسٽل ۽ ڦر ٿيل به موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سجاول قتل ڪيس جو لکت ۾ حڪم نامو جاري، موت جي سزا عمر قيد ۾ تبديل

11 جون 2023 ع تي رات ساڍي يارهين وڳي محمد حسن تي حملو ٿيو: لکت واري حڪم نامو جاري

ذهني بيماري سبب جوابدار نور احمد جي موت واري سزا عدالت عمر قيد ۾ بدلائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عمر سيال ۽ جسٽس شمس الدين عباسي تي ٻڌل ٻه رڪني سجاول قتل ڪيس جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي. عدالت موت جي سزا عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏي آهي. لکت واري حڪم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28